# جيونِ جھاڳ اَجھاڳ

(شاعري)



## محمد پارڻ



www.sindhsalamat.com





نينھن جي نديءَ مان وھنتل احساسن جو عشق، اڄ بہ اُجرائپن سان امرتا ماڻي رھيو آھي، پوءِ ڇو نہ اُنھيءَ عشق کي گھاٽن جا گھاوءَ ڏنا وڃن!؟

يا سنڌ جي سچائيءَ جو سڌ سمجھي سوليءَ تي لٽڪايو وڃي، تڏھن بہ وفائون وضاحتن جا ورد ڪندي مُحتبن جا معراج ماڻيندي سُرخرو نظر اچي رھيون آھن. تڏھن تہ محمد پارڻ جي قلم جي نوڪ مان نپوڙجي نڪرندڙ نظم درد جي دانھن جو ڪُليل داستان لڳي رھيا آھن، سندس تخليقن ۾ ايڏي تہ تڙپ جي تيز ڌارا آھي جن کي پڙھڻ ساڻ ئي ماڻھوءَ جو سڄو روح لُڙڪن جي لھرن ۾ لڪي ٿو وڃي.

ھن سنڌ جي سُجاڳ ڪويءَ جي تحريرُن ۾ اُن تتل تاريخن جو تڙپيل تسلسل ٿو ملي. جن ۾ خلجين، ٽُرخانن ۽ ارغونن جي ظلمن جون ارڏايون بہ اُپيون آسمان جيان بيٺل ٿيون لڳن. تہ دودي سومري جي دليري بہ تلوار جي تيز تجلن سان ديس جي وارثيءَ لاءِ وڪ وڌائيندي نظر ٿي اچي، سچ تہ محمد پارڻ جي ھن ڪتاب مان لاڙ پٽن تي ھاريل چاندوڪين جھڙا چٽا منظر مُشڪ جيان مھڪي رھيا آھن، سندس شاعريءَ مان بيباڪيءَ جا جذبا جاڳ جي جوان رُتن جي رھبري ڪندي نظر اچي رھيا آھن.

۽ سٽ سٽ ۾ صداقتن جي سنڌ ساھہ کڻندي محسوس ٿي رھي آھي، سندس لکڻين مان حقيقتون حُسن بڻجي ظاھر ٿي رھيون آھن، جن ۾ موھن دڙي جي مٽيءَ جي مھڪ، ڪينجھر جي ڇولين ۾ نوريءَ جون نزاڪتون، مڪليءَ جي ماڻار ۾ سانت جا سُڏڪا، اپيچند جون اکيون، سرمد جا سجدا، ڀنڀور کان ديبل بندر جو درد، گھاڙين تا ڪٽ لاھڻ جا قصا، نئين صبح جي سينڌ ۾ ڀريل آزاديءَ جي سنڌور جا سپنا، مست قلندر جان مُرڪندي محسوس ٿي رھيا آھن.

ڪيس دُعا آھي تہ پارڻ 'جيون جھاڳ اجھاڳ' کي سقلتا سان جھاڳي ڏات جي ڏيئن سان ھر راھہ کي روشنيءَ جي روح جو راڳ ارپيندو اڳتي وڌندو رھي.

**ايازامرشيخ**

D.by: Al-Razaque Com: Hyd: 0333-2634650



www.sindhsalamat.com

# جيون جهاڳ اَجهاڳ

[شاعري]

## محمد پارڻ

*

سنڌ سلامت
ڪتاب گهر





## ارپنا

پنهنجو هي پهريون ادبي پورهيو ارپيان ٿو
پنهنجي پيءُ
**حاجي محمد صديق پارڻ**
ءِ اُنهي
**جيجل حاجياڻي پاڳل** کي
جنهن جي دُعائن جا در
هر وقت مون لئہ هٿن جي ڪُليل رحل بڻجي
جاڳندا رهندا آهن.
ءَ
اُن شخصيت
محترم **شهيد فاضل راهو** کي
جنهن منهنجي شعوري زندگي
تي گهرو اثر ڇڏيو آهي.

سنڌ جا سڄڻ سلام .........

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** متعارف ڪرائڻ جو جيڪو سلسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو **ٽيهون** ڪتاب **جيون جهاڳ اجهاڳ** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي شاعريءَ جو ڪتاب سنڌ جي ڀلوڙ شاعر **محمد پارڙ** جي شاعريءَ تي مشتمل آهي.

اسين ٿورائتا آهيون سڄاول جي دوست سارنگ حبيب چانڊيو صاحب جا جنهن هن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي ڏني. هي ڪتاب **سنڌي ادبي سنگت پاران** پاران **اڪيڊمي ادبيات پاڪستان** اسلام آباد جي مالي تعاون سان ڇپائي مارڪيٽ ۾ آندو ويو آهي.

اوهان سڀني دوستن، بزرگن ۽ ساڃاهه ونڊن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.



**محمد سليمان وساڻ**
**مئنيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
salamatsindh@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**





## سنگت پاران

سنڌي ادبي سنگت، سنڌ جي منشور ۾ آهي ته اها جديد ادب کي ترجيحي بنيادن تي شايع ڪندي ۽ ماضيءَ ۾ سنگت جي مرڪز ۽ شاخن پاران وقت بوقت مختلف صنفن تي ٻڌل ڪتاب شايع ٿيندا رهيا آهن.

هن تي دولت پور صفن ۾ سنگت جي ڪاروباري ڪميٽي ۾ رپورٽ پيش ڪندي مون سنگت جي شاخن کي گذارش ڪئي هئي ته هو پڻ پنهنجي علائقي جي اديبن جا ڪتاب ڇپرائين ۽ سال 2009ع ۾ جيتريون به شاخون ڪتاب ڇپرائينديون. انهن کي مڃتا شيلڊون ڏنيون وينديون. مونکي خوشي آهي ته سنگت جي ڪيترين ئي شاخن پاران پنهنجي ميمبرن ۽ سنڌ ليکڪن ۽ شاعرن جا ڪتاب ڇپرايا ويا آهن اها هڪ للڪار آهي، جيڪا منهنجي سڀني شاخن کي آهي ۽ هن سڀني کي جلد ئي سنگت جي مرڪزي ايوارڊ تقريب ۾ مڃتا شيلڊون ڏنيون وينديون.

سنڌي ادبي سنگت سنڌ طرفان محمد پارڙ جي شاعري جو هي ڪتاب ڇپرائيندي اسان پنهنجي اشاعتي سلسلي ۾ هڪ سٺي ڪتاب جو واڌارو ڪندي نهايت خوشي محسوس ڪريون ٿا.

محمد پارڙ هن وقت سنڌي ادبي سنگت سڄاول جو سيڪريٽري، سٺو شاعر ۽ محبتي انسان آهي، سندس شاعريءَ ۾ نواڻ سان گڏ نيٽ لاڙي لهجو ٻوليءَ جو جڙاءُ، حرف تجنيسي ۽ شاعريءَ جي سڀني قدرن جو پورائو ٿيل آهي، سندس هي ڪتاب سنڌي شعري ادب ۾ سٺو واڌارو آهي.

**يوسف سنڌي**
سيڪريٽري جنرل
سنڌي ادبي سنگت - سنڌ

مهاڳ

# جي ڪوتا ، نهنجي ڪاڄ اچي!

فارسي زبان جي عظيم ۽ لاجواب شاعر حافظ شيرازي جو هڪڙو تمام زبردست شعر آهي تہ:

لطيف است نهاني ڪہ عشق آرزو خيزد،
ڪہ نام آن نہ لبو لال و خط زنگاريست،
جمالِ عشق نہ چشم است و زلف و عارض،
هزار نقطدارين ڪاروبارِ دلداريست.

”هيءَ نهايت ڳجهڙي ڳالهہ آهي تہ عشق جنهن هنڌان اُپري ٿو اُن جاءِ جو نانءُ نہ ڳاڙها چپ نہ ڪاري چت. ماڻهو جي سونهن نہ اکيون نہ زلف، نڪي ڳل،نہ تِر آهن. دلداري جي هن ڳُوڙهي ڪاروبار جا هزارين نقطا آهن.“

واقعي ماڻهو جي سونهن جا ڪئين رنگ آهن. انهن رنگن کي رڳي ڪارين ڪجلين اکڙِين، ڳاڙهسرن ڳلن، گلابي چپن يا ڀنور ڪارن وارن تائين محدود ڪري نٿو سگهجي. نہ ئي انهن رنگن کي ظاهري سونهن جي ٻين ڏيک ويک وارن روپن تي منجمند ڪري سگهجي ٿو. سونهن جا انيڪ زاويا آهن. اهي ظاهري بہ آهن تہ لڪل بہ آهن. اهي رنگ روپ، منهن مهانڊي، قد ڪاٺ، هاني ۽ ٻت ٻيهڪ ۾ بہ آهن، تہ ادائن، اشارن، مرڪن ۽ ٽهڪن ۾ بہ آهن، آواز ۾ بہ آهن، ٿور ۾ بہ آهن، تہ اندر جي لڪل اونهائين ۾ پڻ پنهان آهن. سونهن لامحدود آهي. ان جون وصفون وسعتون ۽ درسن سپ اپارءِ ڏار آهن. اها هڪڙي ڪايا ۾ هوندي بہ ڪئين ڪاياڻون آهي.

ايئن دلبري، دلداري ۽ عاشقي جي ڪاروبار جا بہ ڪيئي نقطا آهن. عشق ڪيئن ٿو اُپري، ڪٿان ٿو اپري؟ دل ۾ ڪيئن ٿو لهي؟ ڪيئن ٿو ديرا





ڄمائي؟ محبوب جي اها ڪهڙي ادا، ڪهڙِي وصف آهي، جيڪا عشق کي تحرڪ ٿي ڏي؟ سونهن جي اها ڪهڙي جهلڪ آهي، جيڪا عاشق جي اندر ۾ عشق جي احساسن ۽ جذبن کي مهميز ٿي ڏئي؟ اهو سڀ ڪجهہ ڪيئن اپري ٿو؟ اهي وڏا سوال آهن. جن جي جواب کي حافظ ڳجهڙي ڳالهہ ٿو ڪوٺي. نہ چپ، نہ چت، نہ عارض، نہ گيسوءَ، نہ ڪنڍڙا ڪاڪل، نہ ڳنڍيل وار، نہ ڪاريون ڇڳون، نہ لال لب. هيءَ اجا ڪا ٻيءَ باک آهي، جتان عشق جو سج نمودار ٿو ٿئي.

اهڙي ريت اها بہ ڳجهڙي ڳالهہ آهي تہ عظيم شاعري ڪيئن ٿي سرجي؟ ڪٿان ٿي سرجي ان جو اصل سرچشمو ڪهڙو آهي؟ اها ڪهڙي سَر تان هنجن وانگر اڏار پري ٿي؟ ۽ ڪهڙي ساحل تي ڪونجن جيان ڪَرڪندي ڪُڙڪندي اچي لهي ٿي؟

ساڳئي نموني اهو بہ اهم نقطو آهي تہ شاعري جي سونهن ڇا آهي؟ اها ڪهڙي ڳالهہ هجي ٿي، جيڪا شاعري کي مجسم حسن بڻائي انساني دل ۽ دماغ تي اثر انداز ٿئي ٿي؟ ۽ ڪيس اهڙو تاثير پريو بڻائي ٿي جو ان جو اثر لهي نہ ٿو لهي، يقيناً جڏهن شاعري جا سڀئي عنصر، عوامل ۽ لوازمات پاڻ ۾ ڳنڍجن، گڏجن ۽ جَڙجن ٿا، تڏهن ئي اهوڪيف، سرشاري، تاثر، معنيٰ خيزي ۽ حسن پيدا ٿئي ٿو. پنهنجي جڳهہ تي اهو صحيح جواب آهي. پر ان جي درست هوندي بہ ڪا ڳالهہ آهي، ڪجهہ آهي، جيڪو رهجي وڃي ٿو. جنهن جو رهجڻ اڻپورائي جو احساس ڏياري ٿو. شاعري، شاعري جو حسن تشريحي وصف ۾ قيد ٿيندي بہ قيد جي دائري کان ٻاهر رهجي وڃي ٿو. مون کي هن موقعي تي ازرا پائونڊ ياد پيو اچي. ازرا پائونڊ جنهن کي شاعري تي بہ ڀرپور، سگهارا ۽ بامعنيٰ ليڪچر ڏيڻ ڪانپوءِ بہ، بعد ۾ ائين چوندي ٻڌڪندي ٻڌو ويو تہ ”شاعريِ اها ئي آهي، پرمون کي اجا تائين اها خبر ناهي تہ شاعري ڇا آهي!؟“

محمد پارڻ جي ڪوتا ڪتاب ”جيون جهاڳ اجهاڳ“ جو هيءُ مهاڳ لکندي منهنجي ذهن ۾ شاعري جي باري ۾ اهي سوال جاڳي اٿيا آهن. اهي سوال، جن جا جواب بنهہ سولا بہ آهن تہ ساڳئي وقت ڏاڍا ڏکيا ۽ پڪڙ ۾ نہ

ايندڙ پڙ آهن. هر ڪو ڄاڻي ٿو تہ شاعري ڇا آهي. پر اصل ۾ ڪير بہ نہ ٿو ڄاڻي تہ شاعري ڇا آهي. ان ڄاڻ اڄاڻ جي وچ ۾ ساهہ کڻندي شاعري ماڻهن جي دلين، دماغن، احساسن، جذبن ۽ رت ۾ رچيل رهي ٿي. جنهن ماڻهو جي من ۾ شاعري ڪر نہ موڙيندي هجي، انت اهو ماڻهو ئي مسلڪ تي ئي نہ رهندو. آخرڪار شاعري کان پالهو ماڻهو، ماڻهو ڪيئن ٿو رهي سگهي؟ جيڪر انهي ڪري ئي هر ماڻهو جي من ۾ شاعري پاسا ورائيندي رهي ٿي. اها الڳ ڳالهہ آهي تہ ان جي اثر انداز ٿيڻ جي سطح هر ماڻهو تي الڳ ٿلڳ رهي ٿي. اها هرڪنهن تي سندس سمجهہ، مزاج، ماحول ۽ حالتن آڌار اثر انداز ٿئي ٿي. پر اها رهي منش جي من ۾ ٿي. پوءِ ڪي ماڻهو انهي معراج تي رسن ٿا، جتي شاعري سان سندس سنگ سياپو عام معنائن کان مٿي اپري بدلجي تخليقي ٿي پوي ٿو. هو تخليقڪار ٿي پون ٿا. نئين ڪويتا سرجين ٿا. سنڌ تہ وري آهي ئي شاعريءَ جو ديس. شاعري سنڌ جي روح ۾ ساهہ کڻي ٿي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو عام شاعر تہ پنهنجي جاءِ تي، هتي عظيم شاعرن جي بہ هڪڙي وڏي ۽ سهڻي قطار آهي. سنڌ کانپوءِ عظيم ۽ وڏن شاعرن جي اهڙي وڏي سُهڻي قطار هند، فارس ۽ عرب ديسن جي حصي ۾ آئي آهي. يقينن ڀاڳوند آهن اهي ديس، جن جي ڌرتي تي عظيم شاعريءَ جو جنم ٿئي ٿو.

شاعري کي عام طور تي ٽن خانن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: عظيم شاعري، سٺي شاعري ۽ عام شاعري. عظيم شاعري هر دور کي متاثر ڪندي آهي ۽ صدين جي سفر جي سگهہ رکندي آهي. خود سٺي شاعري کي بہ وري خانن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. ان جو جيڪو سڀ کان بلند ۽ مضبوط خانو هجي ٿو اهو پنهنجي دور کي متاثر ڪندو. ٻرانگهون پريندو ڪڏهن ڪڏهن عظيم شاعريءَ جي دائري کي وڃي رسندو آهي. باقي عام شاعري سون جي ڇاڻ يا ڪچ وانگر ٿئي ٿي. جنهن کي شاهہ ڪاريگر صرافن جي ڪوٺاري نصيب نہ ٿيندي آهي. اها ڌار ڳالهہ آهي تہ عام پڙهندڙن يا ٻڌندڙن وٽ ڪڏهن ڪڏهن ڪائو ڪچ بہ اگهامجي ويندو آهي، ائين جيئن غريب ڇوڪرين يا عورتن وٽ سونهري پاڻيءَ ڏنل ڪوڙا ڳهہ اگهامجي ويندا آهن.





موجوده دور ۾ سنڌيءَ ۾ عظيم شاعري جو دارو مدار شيخ اياز، استاد بخاري ۽ نارائڻ شيام تي اچي في الحال بند ٿي چڪو آهي. هي موجوده دور جي عظيم ٽمورتي آهي. جنهن جي ٻيءَ پر بهترين ۽ سٺن شاعرن جي هڪڙي لَنبي ۽ وڻندڙ قطار آهي. جنهن جو هڪڙو اهم ۽ پلوڙ نالو محمد ٻارڻ بہ آهي.

محمد ٻارڻ جي شاعري ۾ اهي سيئي خوبيون، ڳڻ ۽ صلاحيتون موجود آهن، جيڪي بهترين شاعريءَ جو خاصو هونديون آهن. اهي سيئي عنصر ۽ وٿون موجود آهن، جيڪي سخن وريءَ جي جان هجن ٿيون ۽ اهي سيئي خاصيتون نظر اچن ٿيون، جيڪي شاعري کي باڪمال ۽ بلند بنائين ٿيون.

فڪري حوالي سان سندس شاعري ايڏي ڀرپور، گهڻ پاسائين ۽ وقتائتي آهي، جو سنڌ جي سڌ جو پڙاڏو ٿي لڳي. هو لفظن وسيلي پنهنجي دور جي تصوير ٺو ڪڍي. هن جا نقش ايڏا چٽا آهن، جو ڏسندڙ جي اکين ۾ لهي ٿا اچن. هڪ پاسي هو سنڌي سماج جي اندروني خامين، ڪوتاهين ۽ غلطين جي نشاندهي ٿو ڪري، تہ ٻئي پاسي سنڌ ملڪ مٿان ڌارين جي غلبي، انياءَ، ڦرلٽ، نا انصافي، جبر ۽ غلامي کي پڌرو ٿو ڪري. هو رڳي انهن کي ظاهر نہ ٿو ڪري، پر هو قومي غلاميءَ ڌارين جي غلبي، پنهنجن جي ڪاهلي ۽ سماجي بدعتن تي وار بہ ڪري ٿو. اپري الري ٿو ۽ ماڻهن ۾ مزاحمت جا احساس پيدا ڪري ٿو. سندس قومي شاعري ڏاڍي سگهاري ۽ ڀرپور آهي. گڏوگڏ سندس شاعري ۾ جماليات بہ بلند سطح جي آهي. جنهن جو حسن اک کي موهي ٿو ۽ اندر ۾ رنگ ڀري ٿو. ماڻهو سندس شاعري جو حسن ميڙي مسحور ٿي ٿو وڃي.

فني حوالي کان بہ محمد جي شاعري ڏاڍي شاندار ۽ نرالي آهي. هن جي قافئي جي جرٽ، تجنيس حرفي ۽ لفظن جو سٽاءُ ايڏو تہ بهترين ۽ متاثر ڪندڙ آهي، جو گهڻن هنڌن تي هو لاڙ جي لاڏلي عوامي شاعر حاجي احمد ملاح جي ياد ڏياري ٿو ڇڏي. نہ فقط ايترو پر هن جو شاعراڻو لهجو ايڏو سرل آهي جو پڙهندڙ ٻوليءَ جي لهرن تي لڙندو لڙندو اڳتي وڌندو ٿو وڃي. هڪڙو نفيس احساس آهي جيڪو محمد ٻارڻ جي شاعريءَ مان اسري پڙهندڙ جي

اندر ۾ لهي ٿو اچي. هن جا غزل هجن يا وايون توڙي نظم. هن جي لهجي جي سرلتا، رواني، عواميت، ٻوليءَ جو حسن ۽ فني سونهن ڪٿي بہ جهڪي ۽ جهيٽي نہ ٿي ٿئي.

"جيون جهاڳ اجهاڳ" جو مسودو پڙهندي آئون ڪيترن ئي شعرن تي نشان هٽي ويس. پر هاٽي جڏهن انهن تي نظر وجهان ٿو تہ لڳيم ٿو تہ ايترا سارا شعر نہ تہ هتي ڏيڻ ممڪن آهن ۽ نہ ئي وري ان ڳالهہ جي ڪا ضرورت ئي آهي. تنهن هوندي بہ روايت کي ملحوظ رکندي آئون ڪجهہ شعر هتي حوالي طور پيش ڪريان ٿو تہ جيئن ڪوتا جي ڪاڪ ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ۾ مهاڳ جي هن دريءَ منجهان پڙهندڙ ڪوتا ديويءَ جو هلڪو درشن ڪري سگهن.

ڪليون پيون لتاڙجن، سڳنڌ تي پابندي لڳي،
جلاد دور ۾ ڏسو گلاب روليا ويا.

پياڪ روپ جا سدا تا مرڪ جون مڌون گهرن،
اداس مئڪدا ٿيا، شراب روليا ويا

*

مظلوم جڏهن اڌندا ايوان لُڏي ويندا،
سڀ ظالم سندا پختا زندان لڏي ويندا.

مسڪين مڙي هڪ ٿي حق پنهنجا جڏهن گهرندا،
مروان ڏڪي ويندا، شيطان لڏي ويندا.

*

نہ هاڻ ننڊ ۾ سمهو ٿيو سجاڳ ساٿيو!
هتن منجهان وڃي پيو هي راڄ ڀاڳ ساٿيو!

تو گُهور ڪئي ويا سور لهي، مونکي سپنن جي تعبير ملي،
هڪ مرڪ چڙيو ماحول لُٽي، جيون کي نئين تعمير ملي.


www.sindhsalamat.com



*

گيت اياز جو شاهہ جي راڳڻي،
ٿي لڳي ساهہ کي پدمڻي ڪامڻي.

چرڪ ۾ جي پچي، پو جا جهانجهر وڄي،
ان تي چمڪار کي، چاپي ڪا چاپڻي!

پيار سان جي سڏي، هانءَ تاريو چڙي،
ٿي تہ "پارڻ" لڳي، هير جڻ ڏاڪڻي!

*

او ساونڻ! سگهڙو ورجان تون،
من.تُنهنجي اچڻ تي محب اچي،
ڪا چچ وٺي اچ ڪڪرن جي،
ڪر اولهہ اوير وسڪارون
من تنهنجي اچڻ تي محب اچي.

*

حقيقت ۾ هيءَ چند جهلڪيون آهن. محمد پارڻ جي خوبصورت شاعري اجا اڳتي آهي. جنهن جو پنهنجو حسن آهي، پنهنجو جادوءَ آهي ۽ جنهن ۾ پڙهندڙن کي پنهنجي سحر ۾ وٺي چڙڻ جي بيپناهہ شڪتي موجزن آهي.

سنڌي ٻولي جي عظيم، ڀهڳٽي ۽ جديد شاعر شيخ اياز جي هڪڙي لاجواب نظم جون سٽون آهن تہ:

جي ڪوتا تُنهنجي ڪاج اچي،
مان ٻيهر تو لئہ ڳائيندس.

انهن سٽن کي سامهون رکندي آئون بنا ڪنهن جهجهڪ ۽ هٻڪ جي، پڪ سان چئي سگهان ٿو تہ محمد پارڻ جي شاعري املهہ، لاپائتي ۽ ڪاج اچڻ جهڙي شاعري آهي. اها جڏهن هن مجموعي جي صورت ۾


www.sindhsalamat.com

پڙهندڙن تائين پهچندي، تڏهن نہ فقط پڙهندڙن جي دلين کي گرمائيندي، پر هن دور جي اٽڪل گهرجن جي حوالي سان بہ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي. يقيناً هيءَ شاعري نہ صرف ٻيهر ٽيهر، پر هر وار ڳائڻ جهڙي شاعري آهي ۽ ديس توڙي دلبر سان محبت ڪندڙ دليون ان کي سدائين ڳائينديون ئي رهنديون.

31 ڊسمبر 2009ع

**نواز خان زئور**
ڳوٺ احمد خان زئور
ميرپور بٺورو ضلعو ٺٽو.





# تہ بہ سلهاڙي گهمي ساٿ سين

## [شاعر پاران]

حساس احساسن جو انسان تڏهن ئي ڪجھ لکي سگهندو آهي جڏهن انهيءَ جي روح کي ڪو تاثر پائيندڙ زخم غمن جي گهيري ۾ آٽي ونندو آهي، ديس سڄوئي درد جو دوزخ ٻڄجي ڏڱڻ لڳندو آهي. جيئن هر روز اخبارن ۾ قتل، ڌاڙن، اغوائن، چورين، زورين، ڪارو ڪاريءَ جهڙين ڪُڌين قهري ڪاروائين کي پڙهي، يا حاڪمن جون اُره زورائيون ڪامورن جون مستيون، جاگيردارن، سرمائيدارن جون هٿ ڌرميون، واپارين جي ذخيره اندوزي ۽ بليڪ ميلنگ، سنڌ سان وفاق جي ناانصافين، سنڌ جي حقن تي ڌاڙا لڳندي، سنڌوءَ تي زوري زبردستي ڊيم ٺاهڻ جون ڪوششون، يا اُن مان ڪئنال ڪڍڻ، ٻي پاسي مذهبي پاڻپي جي آڙ ۾ ڪنڌ ۾ پيل دهشت گردن جن جو آهستي آهستي وسيلن تي قابض ٿيڻ ۽ باقاعده رٿابنديءَ تحت سنڌ کي ڳڙڪائڻ جون سازشون، ڪنهن حساس ماڻهوءَ کي خاموش رهڻ نہ ڏينديون آهن.

مون سان بہِ اها ويڌن هوندي آهي، سو وقت جي وحشي ڪنور حالتن کي ڏسندي جو ڪجھ محسوس ٿيندو آهي، اُهي اندر جا اُڌما شاعريءَ جي روپ ۾ پنن تي پڌرا ٿيندا آهن.

مون پاڻ کي شاعر سمجهيو ئي ناهي، جو ڪجھ اندرَ ۾ اُڌمي ٿو اُن کي ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي آهي. ها، وڏڙن ۾ پاءُ محمد صالح راز، والد صاحب حاجي محمد صديق سائل، ٻن مامن محمد صالح صمصام، حاجي حمزه وصالي ۽ ناني حاجي آدم جن جو رت ۾ اثر ضرور آهي، جيڪي تمام سٺا شاعر رهيا آهن. ان کان علاوه استاد محترم سائين سرويچ سڄاولي، سائين محمد خان مجيدي، سانگي سڄاولي ۽ ارشاد ساگر جن سان ويجهڙائپ ۽ محبت لکڻ لاءِ اُتساهيو.

مون لکڻ جي شروعات تہ 1977ع کان ڪئي، پر پوءِ ڪافي عرصو ادبي حلقي کان پاسيرو رهيس، جنهن جو سبب ذاتي مصروفيتون هيون.

هڪ پيري سائين سرويچ سجاوليءَ حال احوال ورتائين، بعد ۾ پُڇيائين تہ ابا ڏي خبر لکين پيو؟ مون وراڻيو نہ سائين لکجي ڪونہ ٿو. وري پڇيائون ڪو عشق ڪيو اٿئي، مون ساڳيو جواب ڏنو نہ سائين. تنهن تي پاڻ چيائون جي عشق ناهي تہ لکي ڪونہ سگهندين.

پر اڄ اعتراف ڪندي ذري برابر هٻڪ نٿو محسوس ڪريان، ها مون عشق ڪيو آهي سنڌ سان، سنڌوءَ سان، سنڌوءَ جي پاڪ پوتر پاڻيءَ سان، سنڌ جي زرخيز زمين سان، سنڌ جي ڍنڍن ڍورن سان، جبلن ٿر جي ڀِٽن سان، روهيڙن سان، سنڌ جي ثقافت سان، سنڌ جي ماٺهن هارين، مزدورن، لاٻارا ڪندڙ لاهيارن، گاهہ ڪندڙ گاهين، مال چاريندڙ ڌنارن سان، جيڪي نٿهڻ اُس ۾ هٿ پير ساڻا ڪندڙ سيءَ ۾ بہ پنهنجي ڪِرت سان سچا هوندا آهن، انهن سان عشق ڪيو آهي ۽ سونهن منهنجي ڪمزوري رهي آهي.

هڪ ڳالهہ واضح ڪندس تہ منهنجو شروعاتي مواد ڪوتاهين سبب سنڀالجي نہ سگهيو. هڪ ڊائري خيرپور ضلعي جي ڳوٺ رسولپور جي رهندڙ 'صوفي عالم شر' جيڪو سجاول برانچ آفيس ۾ تپيدار هو، پڙهڻ لاءِ کنئي ۽ واپس نہ ڪئي، تان جو هو هتان بدلي ٿي ويو. باقي بہ ڊائريون مونکان بہ گم ٿي ويون.

آئون بيحد ٿورائتو آهيان دوست نواز خان زئور جو جنهن معنيٰ خيز مُهاڳ لکي محبت، پيار ۽ پنهنجائپ جو احساس ڏياريو.

آئون پياري ياءُ اياز امر شيخ جو بہ احسان مند آهيان، جنهن ڪتاب جو بيڪ ٽائيٽل لکي محبت جو ثبوت ڏنو ۽ هر وقت رهنمائي ڪئي.

آئون نهايت ٿورائتو آهيان پياري دوست گل حسن جاڪري جو جنهن سهڻن صاف اکرن ۾ ڪتاب جو مسودو فيئر ڪيو. هتي آئون يوسف سنڌي، سورج سجاولي، محمد صالح نوحاڻي، عبد سنڌي ۽ بشير ميراڻي جن جو بہ شڪريو ادا ڪندي سرهائي محسوس ڪندس، جي وقت بہ وقت ٻانهن ٻيلي ٿي رهيا.





تري قاتي ڪنگري، نلها قيرا ڏي،
آٽي نڪي ني، تہ بہ سلهاڙي گهمي ساٿ سين.
(شاهہ)

سنڌ سلامت، ساٿ سلامت

اوهانجي محبت جو طلبگار
**محمد پارڻ**
0345-3515395

سنڌ سلامت

# غزل





سنڌ سلامت

**هر رات پنيان ٿو ڏينهن اچي، هي رات ڏسي مايوس نہ ٿي.**
**هيءَ ڏيھ مٿي جا آهي ڏکي، حالات ڏسي مايوس نہ ٿي.**

**انياءُ ڪٿي بي انت ٿئي، خاموش نہ ويھ هٿ پير نہ هڻ،**
**هٿ ظالم جا مضبوط نہ ڪر، ظلمات ڏسي مايوس نہ ٿي.**

ارض افلاڪ جو بيشڪ، بنائيندڙ آ ربّ هڪڙو.
دنيا ۾ سج چنڊ تارا، سجائيندڙ آ ربّ هڪڙو.

جهان ۾ رونقون جيڪي، گلن پوتن جي رنگن ۾،
انهن سيني نظارن کي، نکاريندڙ آ ربّ هڪڙو.

خزانا موتين هيرن، جواهر لعل و مرجان جا،
خلق جي خواهشن موجب، اپائيندڙ آ ربّ هڪڙو.

بنان پوکڻ جي ڌرتيءَ تي، تئي تي سونهن ۽ ساوڪ،
گهتا مان مينهن ملڪن تي، وسائيندڙ آ ربّ هڪڙو.

بنان پالڻ سنڀالڻ جي، وڏن ويجهن پکي پکڻ،
انهن کي هر طرح هرهنڌ، سنڀاليندڙ آ ربّ هڪڙو.

ڪِنين جو قوت پاٽي ۾، جبل ۾ ڪِنَ جو، صحرا ۾،
رزق هر ڪنهن کي هرهنڌ تي، رسائيندڙ آ ربّ هڪڙو.

ڪٽي"پارڻ" ڪري سگهبي، حمد هاديءَ سندي پوري،
سڄي سنسار ساري کي هلائيندڙ آ ربّ هڪڙو.

⊙





ڏني ريت محمّد عجب انقلابي.
غلامن کي جنهن آ، نوازي نوابي.

بلاول جيان بخت، پي ڪنهن جو تيندو،
ملي جنهن کي محمّد وتان ماهتابي.

تيا چاڪ بيمار، جسماني ذهني،
ڏسڻ ساڻ صورت، صحي صحتيابي.

رهي برتري ناهي، رنگ و نسل جي،
پرينءَ وٽ جي پهتا، سي بنيا اصحابي.

ملي جوت "پارڻ" جهان کي حقيقي،
ڪرم ٿيو قرب ٿيو، ملي ڪاميابي.

⊙

ٻاڏان عشق جي ڏئي، ڪجن ٿا سجدا سونهن کي.
ٻڌي ادب سان هٿ ٻئي، ڏجن ٿا سجدا سونهن کي.

پلي پري ڪٺي اچو، ڪي جام روپ جا اجان.
گواهہ رهجو ساقيو، ٿين ٿا سجدا سونهن کي.

اڙي مُلان هٿو پري، رکو شرع کي پاڻ وٽ،
نماز نينهن ٿيٽي، سونهن ٿا سجدا سونهن کي.

اسانجو حج ٻاڪبري، سڄڻ ڏٺي ادا ٿئي،
اصل اِهي عبادتون، هجن ٿا سجدا سونهن کي.

گناہ يا ثواب سان، قطعي ڪو واسطو نہ آ،
اسانکي بس سنجهي صبح، سُجهن ٿا سجدا سونهن کي.

انوکي عشق جي رسم، جهان کان الڳ ٿلڳ،
جتي جي ريت ۾ روا، رهن ٿا سجدا سونهن کي.

اوهانجي مرضي مُفتيو، وٽي جا فتويٰ پيا ڏيو،
نگاهہ ٿي جُهڪي پوي، پڄن ٿا سجدا سونهن کي.
⊙


www.sindhsalamat.com

جيون جهاڳ اَجهاڳ - محمد پارڻ

هر رات پنيان ٿو ڏينهن اچي، هي رات ڏسي مايوس نہ ٿي.
هيءَ ڏيهہ مٿي جا آهي ڏکي، حالات ڏسي مايوس نہ ٿي.

انياءُ ڪٿي بي انت ٿئي، خاموش نہ ويهہ هٿ پير تہ هڻ،
هٿ ظالم جا مضبوط نہ ڪر، ظلمات ڏسي مايوس نہ ٿي.

هن پاپ مٿي پڇتاءُ تہ ڪر، باغي نہ سهي حامي تہ نہ ٿي،
انصاف امن جي ڪنڌ مٿي، ڪو ڪات ڏسي مايوس نہ ٿي.

هي وقت هميشہ هڪڙو رهي، ناممڪن آ ايئن ٿي نہ سگهي،
هيءَ سخت گهڙي بدبختءُري، اوقات ڏسي مايوس نہ ٿي.

ڪو نيٺ صبح ٿي پوندو چٿو، هو باک ڦٽي اهڃاڻ مليو،
هيءَ ”پارڻ“ جي ٻڌ ڳالهہ چٽي، هيهات ڏسي مايوس نہ ٿي.
⊙


www.sindhsalamat.com

ڏرتي ڏسي ڏکن ۾، آڪاش اک ڀِڙيي آ.
دوکا فريب ٿيندي، وشواس اک ڀِڙيي آ.

هو ماٺ ۾ پٿر پر، گهڙجي ٿيو جي مورت،
ازخود انهيءَ ڳالهايو، سنگتراش اک ڀِڙيي آ.

مسڪين جي ٻچن وٽ، بک ساڻ گڏ بيماري،
افسوس پر نہ ان تي، اوباش اک ڀِڙيي آ.

ساري عمر نهاري، جن نور آ وڃايو،
سي نيڻ پوريا تان، اوڪاش اک ڀِڙيي آ.

ٻوڙا نتا ٻڌن پر، ”ٻارڻ“ عجب ٿئي ٿو،
دانهون ٻڌيءَ ڪين جون، هڪ لاش اک ڀِڙيي آ.

⊙






جنت جهڙي دنيا هن ۾، جهنم جيئڻ گذاريون پيا.
نہ ڪڙيا گلڙا جيون ۾، ڪندن سان پرت پاريون پيا.

تمنائون ويون چٽجي، چتا تي چاهتون چڙهيون،
لهي ويو سج اميدن جو، نراسا ٿي نهاريون پيا.

اُجهاڻا ديپ آسن جا، اميدون خاڪ ۾ مليون،
جدائيءَ ۾ جلائي دل، ملهايون ڏڻ ڏياريون پيا.

لڳي ويا پيارتي پهرا، پرين پنهنجا پُڇايون ڪيئن،
پيا زنجير رسمن جا، تہ گوندر منجهہ گهاريون پيا.

عذابن ۾ عمر گذري، خوشيءَ جي آرزو ڏنڌلي،
جيئڻ جٽيون ٿيو آهي، ٻري ”ٻارڻ“ ڪو ٻاريون پيا.

⊙

سجودِ سونهن تي بندش، ثوابَ روليا ويا.
حسين ۽ رنگين ڪئين، خوابَ روليا ويا.

ڪليون پيون لتاڙجن، سُڳنڌ تي پابندي لڳي،
جلاد دؤر ۾ ڏسو، گلابَ روليا ويا.

نہ محفلون سنگيت جون، نہ گيت پيار جا چڙن،
ٿو روڳ راڳ مان بکي، ربابَ روليا ويا.

پياڪ روپ جا سدا، ٿا مرڪ جون مڏونُ گهرن،
اداس مئہ ڪده ٿيا، شراب روليا ويا.

ٿياس تي تنگي رهي، آ هر ڪنواري ڪلپنا،
روئي ٿو آسمان پيي، شهاب روليا ويا.

ذهن پيا جنجهوڙجن، رهي ٿو ذات تي ڏمر،
ضميرَ ڪن سوال ٿا، جواب روليا ويا.

ٿي ظلمتن جي انتها، شعور کي ڳُهٽيو ويو،
خزانا جن ۾ علم جا، ڪتاب روليا ويا.

⊙





ڏاڍ کي جيڪا ڏڪائي، شاعري اهڙي کپي.
ظالمن جي ننڊ ڦٽائي، شاعري اهڙي کپي.

لال لبڙن تي ڳلن تي، آ گهٽو لڪيو گهٽڻ،
هاڻ سنڌ کي جا بچائي، شاعري اهڙي کپي.

باغ بُلبل جي پڇر، هاٽي پُراٽي ٿي لڳي،
حق حسابن سان ورائي، شاعري اهڙي کپي.

هي غلامي جو جياپو، ٿي پيو آ ڄٽ وڏي،
آجپي ڏي وک وڌائي، شاعري اهڙي کپي.

قوم جي حالات کي، جنهن جنهن ڪيو آ تنگ تر،
لوڪ ۾ تن کي لڪائي، شاعري اهڙي کپي.

سونهن تي حملا هلائون، ٿا ٿين ڪهڙي سبب،
ڪارو ڪاري کي مٽائي، شاعري اهڙي کپي.

قوم جي تقديرکي ”پارڻ“ڪري جيڪا بُلند،
نينهن جو ناتو نڀائي، شاعري اهڙي کپي.

⊙

نه ٽڙپي سگهون ٿا، نه ڦٿڪي سگهون ٿا.
مُئا جي نه آهيون، ڪڏهن جي سگهون ٿا.

پروان ڪي پنهنجو، بڻائڻ نه آيو،
اسين پاڻ ڪنهن جا، نه ڪي ٿي سگهون ٿا.

دفن دل اندر ڪئين، ڪيون سين اميدون،
نه ڪِرڪي سگهون ٿا، نه مُرڪي سگهون ٿا.

وسڻ جا سڄي مُند، آگم اکين ۾،
نه ترسي سگهون ٿا، نه ٻَرسي سگهون ٿا.

لَائن جي "پارڻ" ۾ اهڙو ٻرياسين،
رُناسين ته هاڻي، نه پرچي سگهون ٿا.

⊙





هڪ سونهن ٻي سچائي، پردن ۾ هوندي آهي.
بي لوث ميٺ، محبت فردن ۾ هوندي آهي.

در در تي دربدر ٿي، ڳولهين پيو پلا ڇا،
دل جي دوا ته دلبر، دردن ۾ هوندي آهي.

مسجد ۾ مومنن تي، ٻوڇاڙ گولين جي،
اهڙي ته ريت دهشتگردن ۾ هوندي آهي.

انجام عهد پنهنجا، ڪوڙا نٿا نڀائين،
وعدي وفا جي خوبي، مردن ۾ هوندي آهي.

عاشق اصل کان "پارڻ" پڌرا چٽا لکن ۾،
سڪ جي ته ساک چهرن، زردن ۾ هوندي آهي.

⊙

مظلوم جڏهن ٿا ٿيندا، ايوان لاءِ ويندا.
سپ ظلم سندا سهندا، زندان لاءِ ويندا.

مسڪين مڙي هڪ ٿي، حق پنهنجا جڏهن گهرندا،
مروان ڏڪي ويندا، شيطان لڏي ويندا.

ڪم ظرف بنهه ڏڇڻا، سپ ظلم ڪرڻ وارا،
گڏ قوم ڏسي تن جا، ايمان لڏي ويندا.

نيپال جيئان هاڻي تحريڪ هتي هلندي،
ڪئين شاهه ٻڏي ويندا، ڪئين خان لڏي ويندا.

ڪشڪول پيجي چڙبا، پنڻون نه اٿئون هاڻي،
حق هاڻ وڙهي وٺبا، هامان لڏي ويندا.

هڪ ساٿ جڏهن ٿيندا، مزدوَر پيا هاري،
دهشت سا ڏسي ”پارڻ“ پلوان لڏي ويندا.

⊙


www.sindhsalamat.com



گونگا نه ٿيو، ٻوڙا نه ٿيو، ڪجهه ٻئي جي ٻڌو ڪجهه پاڻ چئو.
سنڌڙي جي حقن جي ڳالهه وڏي، آواز سڀڻ سرواڻ چئو.

ڪنهن جي نه ڪٿي پرواهه ڪريو، بيباڪ ٿيو بي خوف رهو،
ڪنهن کان نه لڪو، ڪنهن کان نه ڊڄو، حق سچ چٽو چرياڻ چئو.

ڪمزور مٿي جو ظلم ڪري، ان ظالم تي ڦٽڪار وجهو،
جو مهرڪري مسڪين مٿي، ان جي ته چٽي واڪاڻ چئو.

انڌير اهو انياءُ ڏسي، خاموش رهڻ سمجهان ٿو ظلم،
مزدور ڪسانو هنر مندو، ٿي پنهنجا خود اڳواڻ چئو.

دل لاهيو متان گهٻرايو متان، دودي جي روايت زنده رکو،
سرڪپجي وڃي پر شل نه جهڪي، هي ٻول وچن پلواڻ چئو.

⊙


www.sindhsalamat.com

آڪاش ڪان ٻہ پنهنجون، سوچون ڏار اڳتي.
فرسوده هر فڪر ڪان، آجو گذار اڳتي.

جي راز رمزون لِڪيل، ڳجهہ ڳولهي کول تن جو،
جيون جو آهي رکڻو، مقصد معيار اڳتي.

انسان فرشتن ڪان، آ ماڻ ۾ مٿاهون،
حيواني حرڪتن ڪان، خود کي بيهار اڳتي.

ڪايو پيو جهان ۾، ڪئين جانور جيئن ٿا،
ڍورن ڍڳن ڪان البت، رکجي شمار اڳتي.

ڪرڻو آ زندگي ۾، ڪجهہ قوم ملڪ لاءِ،
ڏيهن ۾ ڏيهہ جو جيئن، رهجي وقار اڳتي.

محنت سچي لڳن سان، سڀ يار آهي ممڪن،
جيون جي ڪشتي ڪن مان، عاقل لڪار اڳتي.

ذهنن تي آهي "پارڻ" اونداهہ انڌ چانيل،
روشن ڪري اندر جو، سج سو ڀار اڳتي.

⊙





افسوس اٿم هن قوم مٿي، ڪاسمجهہ عقل ڪجهہ ڪونہ اٿس.
جنهن ريت ٿهي تقدير پوي، سوعمل دخل ڪجهہ ڪونہ اٿس.

هر بار هليُل راهہ مٿي، جت چوٽ لڳي ۽ ٽوٽ ٿئي،
پر پوءِ بہ اهائي مت مُنجهيل، مُڏ سوچ اصل ڪجهہ ڪونہ اٿس.

جو چور هجي شهزور هجي، ان ساڻ ڪڏهن ليکو نہ لٿو،
هن ماٿ وڏو مجبور ڪري، في الحال فضل ڪجهہ ڪونہ اٿس.

ٿا پير چمون ان پيرَ سندا، جو بد عمل بدڪار بنهہ،
بيمار ذهن مفلوج ٿيا، ڪا مُرت سقل ڪجهہ ڪونہ اٿس.

جو تنگ ڪري بي رنگ ڪري، تنهن جي ڪا سجاڻپ ٿي نہ سگهي،
جيئن جاڳ اچي ڪو ڀاڳ وري، سچ سو تہ شُغل ڪجهہ ڪونہ اٿس.

تاريخ پڙهي تحقيق ڪري، ڪنهن سوچ اندر "پارڻ" ٿو پوان،
ماضي جي مقابل حال پيو، ڪو نقش نقل ڪجهہ ڪونہ اٿس.

⊙

سنڌ شاد ٿئي آزاد ٿئي، سو شال سڳهوئي وقت اچي.
سڀ سرها ٿيون واڌايون ڏيون، ڪو دؤر مُٺو ڪٽ مست اچي.

هر روڪ لهي هر بند ٽُٽي، بس قول فعل آزاد هجي،
هر ماڻهو سکيو آرامي هجي، ڪو ڏينهن نہ ڪنهن تي سخت اچي.

ڪمزور سيئي شهزور ٿين، ڪو ڏاڍ ڏمر ڌهڪا نہ رهي،
سنڌ ديس سچو آباد ٿئي، مزدور جو موٽي بخت اچي.

حقدار ڪان حق ڦرجي نہ سگهي، دلين تي ڪتي ڏاڙو نہ لڳي،
خوشحال هتي هر ماڻهو هجي، انصاف امن سربست اچي.

سڀ جوڙ ملي هڪ جوڙ ٿيون، سنڌ واسي ملي يڪ مشت جيون،
"پارڻ" جي پڇي شل آس اِها، خوشحالي هتي بي انت اچي.

⊙





نہ هاڻ ننڊ ۾ سمهو، ٿيو سجاڳ ساٿيو.
هٿن منجهان وڃي پيو، هي راڄ ڀاڳ ساٿيو.

لِڪل هٿن جون قوتون، سدائين تاڪ تاڙ ۾،
ٻُڌي پٽيءُ اٿي ويا، سي مانَ ماڳ ساٿيو.

هجي حيات ڪاٿ ۾، رهون تڏهن بہ ماٺ ۾،
اِها نہ آ عقلمندي، اِهو ئي ڀاڳ ساٿيو.

هو چورَ اِن چور اڄ، پيا ڏٽي تي سنڌ جا،
ڪڏهن نہ اهڙو ڏيهہ ڪي، مليو ڏهاڳ ساٿيو.

جهالتن جي ظلمتن، تباهہ قوم ڪي ڪيو،
اڃان بہ ساڳيو ئي هو، رواج راڳ ساٿيو.

معيار غير تي مگر، گهٽايو ڪونہ دوستن،
غدار جو جتي ڏسو، لڳايو آڳ ساٿيو.

اڃان اکيون نٿيون کُلن، رهون ٿا گهري ننڊ ۾،
حقيقتن ۾ چٽ ٿيو، چمن جو چاڳ ساٿيو.

قدم اڳيان وڌائجي، نہ وقت هي وڃائجي،
اسانجي منزلن اڳيان، آ رڻ اجهاڳ ساٿيو.

⊙

منهنجي گيتن جون ڏارون، ڪي ته تو وٽ پهتيون.
ساهه منهنجي جون سنيارون، ڪي ته تو وٽ پهتيون.

هر صدا آڪاش تائين، گونج پهچائي چڙهي،
دل سنديون دانهون پڪارون، ڪي ته تو وٽ پهتيون.

هڪ جهلڪ تنهنجي ڏسڻ لئه، جهاتيون پاتيون اکين،
منهنجي نيڻن جون نهارون، ڪي ته تو وٽ پهتيون.

ڪو چريو مونکي چوي يا، ڪو سڏي عاشق پيو،
خلق واريون خبرون چارون، ڪي ته تو وٽ پهتيون.

رات روئي رت ڦڙن سان، مون ڪتابت جا ڪئي،
پيار جون پيارا پچارون، ڪي ته تو وٽ پهتيون.

باغبان بنجي بنايم، باغ من جي ڪيت ۾،
ان منجهان ”پارڻ“ بهارون، ڪي ته تو وٽ پهتيون.

⊙





رڳو نه گهر سجاڳ ڪر.
سمورو تر سجاڳ ڪر.

اُٿار قوم ننڊ مان،
هر ناري نر سجاڳ ڪر.

شڪارپور، سکر ٺٽو،
شهر شهر سجاڳ ڪر.

ويا وسيلا ٿي هڙپ،
مٽي، امر سجاڳ ڪر.

تقاضا وقت جي اِها،
نگرنگر سجاڳ ڪر.

ٻچي، ٻُڍي، جوان ڪي،
تمام تر سجاڳ ڪر.

ٿي سنڌ جو پيامبر،
ڌهر ڌهر سجاڳ ڪر.

شعور ڏي ڌنار ڪي،
ڪسان هر سجاڳ ڪر.

امن ۾ آجپي جي لئه،
ته جهنگ جهر سجاڳ ڪر.

⊙

چندڊ جي راتين چٽين ۾، چاهتون ڪٿجي ويون.
روح، راتاها لڳا ۽، راحتون لٽجي ويون.

رونقون ۽ رنگ سارا، اُجڙي ويا منٽن اندر،
پيار محبت جون سُنهري، ساعتون لٽجي ويون،

ماترايان دل کي ڪيئن، ڪهڙي تہ دلجوئي ڪريان،
ڪونہ پرتو آ پرين، ڪل آٽتون لٽجي ويون.

جستجو جاکوڙ ساري، خاڪ ۾ منهنجي ملي،
دل کي بهلائڻ سنديون، دريافتون لٽجي ويون.

ساهہ ۾ سڪ سوز "پارڻ" ڳوڙهو جهٽ جاڳي پيو،
روز مرڪڻ ۽ ڪلڻ جون، عادتون لٽجي ويون.
⊙





گل خار ٿيا آهن، گلزار ڇڏي وڃبو.
جي يار ڏڪاريندو، سنسار ڇڏي وڃبو.

مون آس رکي ڪيڏي، چاهت جو صِلو ملندو،
افسوس اهو دل جو، اصدار ڇڏي وڃبو.

جيئن ترڪِ وفا وارو، ماحول منڊل منديو،
ان ڪان تہ شڪستہ ٿي، سينگار ڇڏي وڃبو.

سودو نہ سڦل آهي، پيو پيار سوا ڪوئي،
ڪيڏي بہ منافي جو، واپار ڇڏي وڃبو.

"پارڻ" بہ پري هاٽي، بس راڪ رهيو آهي،
هي سوز سڙڻ سپ ڪجهہ، لاچار ڇڏي وڃبو.
⊙

پرائي کي پنهنجو، چوڻ آهي غلطي.
مري جو نہ تنهن لئہ، مرڻ آهي غلطي.

ويو لوڪ سارو جفا ۾ جڪڙجي،
وفا جي نظرسان ڏسڻ آهي غلطي.

جڏهن بي وفائي، ٻني اوج تي آ،
تہ ڏوراپو ڪنهن کي، ڏيڻ آهي غلطي.

سچائيءَ جي مهراڻ، ۾ لٺ ڏاڍي،
ٻڏي جو انهيءَ ڏي، وڌڻ آهي غلطي.

چئو صاف "پارڻ" وفا ڪونہ ملندي،
حقيقت تي پردو، وجهڻ آهي غلطي.

⊙





وڳوڙي وحشين جا هٿ، وٺاڻ ڪو نہ ٿا ڪپن.
اسانکي سنڌ ۾ پِٽيا، پٺاڻ ڪو نہ ٿا ڪپن.

ڪٿان ڪٿان ڪان قافلا، اچن پيا قطاريا،
سوات مالاڪنڊ جا، ننڌاڻ ڪونہ ٿا ڪپن.

اسانکي اٿڪلون ڪري، ٿو اقليت ۾ آڻجي،
سنڌي عوام ڪان سوا، سنياڻ ڪونہ ٿا ڪپن.

اڳي بہ ڪنڌ ۾ پيا، ڪي ياپي جي آڙ ۾،
تڏهن ٿا اڄ چٿو چئون، فلاڻ ڪونہ ٿا ڪپن.

اسانجو ساهہ سنڌ ۾، اسانجي جند سنڌ آ،
اسانکي اوپرا اڏا، اڏاڻ ڪو نہ ٿا ڪپن.

تڙيا جي پنهنجي ڏيهہ مان، انهن جي راهہ روڪجي،
جلاد قوم جا هو جٿ، جٿاڻ ڪو نہ ٿا ڪپن.

⊙

متان گذارج غلام بڻجي.
جيءُ آجپي جو امام بڻجي.

سماج کي ڪر شعور ارپڻ،
نئون پوي جيئڻ نظام بڻجي.

غدار سان هٿ وجهي نہ ڪائج،
حلال ويندو حرام بڻجي.

نہ ڏاڍ اڳيان جهڪائي گردن،
ڪٽائي ڇڏ سر صدام بڻجي.

حقيقتن کان نہ موڙ منهنڙو،
بطور بالا حڪام بڻجي.

سجاڳ ٿي خود ڏي جاڳ جڳ کي،
لطيف وارو ڪلام بڻجي.

نہ پول"پارڙ" حضور، جي، سر،
خودي جو خود وچ پيام بڻجي.

⊙


www.sindhsalamat.com



دوست پنهنجي ديس جي، دستور جون ڳالهيون نہ پڇ.
ڏاڍ جون ڌهڪاءُ جون، ڏک سور جون ڳالهيون نہ پڇ.

تو هتي مسڪين ٿي، آزارجي اٺئي پهر،
بي پهچ مظلوم جون، مجبور جون ڳالهيون نہ پڇ.

هڙ وسيلا هڪڙي پاسي، ٻي طرف محروميون،
قائدي قانون جون، منشور جون ڳالهيون نہ پڇ.

هٿ پنيون توڙي ونيون، ڦُرجو وڃن زوري هتان،
ظاهري هي ظلم ٿيا، مستور جون ڳالهيون نہ پڇ.

هر طرح حق جي حفاظت، ٿي ٿئي دنيا اندر،
پر هتي جي معاملي، مذڪور جون ڳالهيون نہ پڇ.

جانور سان جيڪو ورتاءُ، نامناسب نا روا،
سو ٿئي مزدور سان، مزدور جون ڳالهيون نہ پڇ.

جان آزارن مان "پارڙ" ڪيئن ڇڏايون ڇا ڪجي.
جو اندر ۾ تو اچي، ان پور جون ڳالهيون نہ پڇ.

⊙


www.sindhsalamat.com

تو گهور ڪئي ويا سور لهي، مونکي سپنن جي تعبير ملي.
هڪ مرڪ چڙهيو ماحولُ ٺهي، جيون کي نئين تعمير ملي.

سنگيت چڙيا ۽ گل ٽڙيا، مهڪار ڪُلي من معطر ٿيو،
تو ڀاڳ مٿي شڪرانا چوان، آ خواب پلي تقدير ملي.

ارمان پُنا احسان ٿيا، انعام مليا پيو چا تہ گهران،
محبوب ڪيو تو قرب وڏو، هي مان مليو توقير ملي.

هن سونهن مٿي سرگهورڪريان، ڌن مال ڏيان قربان ٿيان،
ٿي ڏاڍي خوشي ويو رنگ رچي، آ پيار سندي تصويرملي.

ٿي ڳالهہ صفا ڪئي يار وفا، هن جيون مان وئي جملي جفا،
”پارڻ“ کي وري سڪ قرب پري، جذبات سندي جاگير ملي.

⊙





وقف آ سنڌ جي لاءِ قلم منهنجو ذهن منهنجو.
لکان پيو گيت سنڌڙيءَ جا، انهيءَ ۾ من مگن منهنجو.

قلم جي جنگ مون جوڙي، بغاوت ظالمن سان ڪئي،
پٽيندس ظلم جون پاڙون، اهو آهي وچن منهنجو.

غدارن ۽ مڪارن کي، ڳٽي ڳولهي ڪجي پڌرو،
لهن چوغا چگائي جا، اهو مطلب متن منهنجو.

محبت ديس سان جنهن جي، انهي سان منهنجا سڀ رشتا،
هندو توڙي مسيح مسلم، برادر برهمن منهنجو.

اندر ۾ آس هڪڙي آ، ڏسان شاداب سنڌ ”پارڻ“
امن ۽ آجپو ماڻيون، تہ جهومان ٿئي جشن منهنجو.

⊙

اجان ٻہ چنگ پيو ڇڙي.
ڪماچ ڪنڌ ٽو گهري.

ڏياچ ڏيهہ ۾ گهٽا،
اڏي ڏي ساهہ ڪو سُري.

صدا ۽ ساز جي سنگت،
نہ ٻول ٻاجهہ جو ٻُري.

اسانکي آجپو ڪپي،
جهري تہ ڪو پلي جهري.

خوابَ عمر ٻر ڏٺا،
وٺون ڪا ساپيان ڦُري.

ھُٺو ڪو ساٿ ۾ سجڻ،
ٽو نانوءَ هانوءَ تي هُري.

⊙


www.sindhsalamat.com



زندگي ڪالهہ پڻ، ٽي تماشا هئي.
هڪڙِي شيطان جي، اهڙِي آشا هئي.

ڏينهن تاريخ ۾، سو ٻُرو ليکبو،
جو ڪراچي لهو، ساڻ لاشا هئي.

ڪير چوندو سياست انهيءَ کي ڀلا،
غندہ گردي اِها، بي تحاشا هئي.

مائرن کان ڇنا، لال لختِ جگر،
خوني هولي هئي، قهري ياشا هئي.

ڪنهن بہ روڪيو نٿي، ڪنهن بہ ٽوڪيو نٿي،
آشتي شانتي، هوند حاشا هئي.

⊙

(نوٽ: 12مئي 2007ع تي چيف جسٽس آف پاڪستان جي ڪراچي آمد تي دهشت گردن طرفان سندس استقبال سبو تاز ڪرڻ لاءِ ٿيل خونريزيءَ تي لکيل.)


www.sindhsalamat.com

شباب جي مئي منجهان پيئڻ لئہ، نوان پراڻا پياڪ آيا.
نہ پور مٺ اڄ سخي ٿي ساقي، چريا اياڻا پياڪ آيا.

ٿي ناچو نچندا پتنگ ٿي پچندا، چتا تي چڙهياسي ڪيئن بچندا،
هي جان جند جي لڳائي بازي، عقل اڏاڻا پياڪ آيا.

شراب سونهن جو ڇُڪو چکيائون، نہ مال ڌن ڪي مِٺو رکيائون،
وصال جي واٽ تي ويچارا، سي ٿي ويڳاڻا پياڪ آيا.

سماجي رشتا سڀيئي ٽوڙي، نئون ڇڏيائون جهان جوڙي،
پيار ساقي ڇٽو ڇئي سي، نچي نماڻا پياڪ آيا.

خلوص ”پارڻ“ اندر ۾ آهي، مگر سحر ڪو نظر ۾ آهي،
اکين جا ڪشتا ڪٽي سوالي، ڄُڃا اجهاڻا پياڪ آيا.

⊙





حقن جي لاءِ ضرور هاڻي، جدوجهد ۽ جهاد ٿيندو.
حرام خورن جي ڪاڻ سنڌ جو، ٻچو ٻچو هر فولاد ٿيندو.

حساب وٺبا سڀئي سنڀالي، رَتيءَ برابر رکت نہ رکبي،
جيئڻ جي لاءِ اسانکي آخر، عزيز پنهنجو مفاد ٿيندو.

ڪِلِي خوشيءَ سان نہ حق ملندا، اها تہ هرڪنهن کي ڄاڻ آهي،
ڦُڙي پٽي جي ڦبيا هميشہ، وڏو انهن سان فساد ٿيندو.

ظلم جڏهن بي حساب ٿيندو، خلاف ان جي محاذ ٺهندو،
انهي کي سوگهو ڪرڻ کپي جو، تہ شامتي آ صياد ٿيندو.

ظلم گهٽو ئي سهي ٽڪاسين، نہ هاڻ ”پارڻ“ سهپ رهي آ،
بچاءُ ڪارڻ ڪو ويڙهہ وارو، بهادريءَ سان بنياد ٿيندو.

⊙

ڄڳن ڪان جاڳيون اکيون، نظارا ننڊ ۾ آهن.
اجا موسم جي مستي جا، اشارا ننڊ ۾ آهن.

ڪڏهن ڪنهن سمجهيو ناهي، روئن پازيب جا گهنگهرو،
نچي ٿي پيٽ لئہ ناري، پنارا ننڊ ۾ آهن.

ٻُڪي ويا کيت سنڌڙيءَ جا، سنڌوءَ ۾ پئي ُ اڏي واري،
سڙيون پيڙيون ُرليا ناڪا، ڪنارا ننڊ ۾ آهن.

چڙهيا جي چاڙهہ جوين جي، ڪندا ڪنهن جند جي ڳولا،
جواني جاڙ ٿي جيءَ جا، جيارا ننڊ ۾ آهن.

نشا جي نينهن جا چڙهندا، وري ناهن ڪڏهن لهندا،
نہ موکي کول مٽ مڌ جا، متارا ننڊ ۾ آهن.

ڪڏهن هن سونهن تي"ٻارڻ" نہ ڪوسو واءُ سهندو آ،
هوا پاسي ڪان گذري وچ، پيارا ننڊ ۾ آهن.
⊙





ڪو ماڙهو متان ماري نہ هجي.
چمچو نہ هجي، چاري نہ هجي.

ڪٿڪو ٿو رهي، خدشو ٿو رهي،
الفت ۾ ادا ڪاري نہ هجي.

انڌير نگر جي انڌ اندر،
ڪا پيڻ سڏي ڪاري نہ هجي.

خوشحال سڄو شل ملڪ ٿئي،
ڪٿ آهہ وفغان زاري نہ هجي.

انصاف امن جو وقت اچي،
هي ظلم ستم جاري نہ هجي.

ٿاڻي تي مُنافق مُرڪن پيا،
بيڏوهہ ٻَڌو هاري نہ هجي.

هر صبح سکن جي ساک ڏئي،
ڪا شام ڏکن واري نہ هجي.

"ٻارڻ" جي اهائي آس سدا،
ڪا مهل ڪٿي پاري نہ هجي.
⊙

گناهہ يا ثواب جي، ڪجي تہ ڳالهہ ڪيئن ڪجي.
حساب ياڪتاب جي، ڪجي تہ ڳالهہ ڪيئن ڪجي.

جتي اڪيون ڄاڻيون رهن، نگاهہ سونهن لئہ سڪي،
نزاڪت وحجاب جي، ڪجي تہ ڳالهہ ڪيئن ڪجي.

بهار باغ ڪان پري، اُجاڙ چار سُو چٽو،
پلاڻي گلاب جي، ڪجي تہ ڳالهہ ڪيئن ڪجي.

سِڪون چينَ چٽ ٿيا، ننڊون رُسي ويون پري،
حسين ڪنهن خواب جي، ڪجي تہ ڳالهہ ڪيئن ڪجي.

فراق يار جا سوين، ٿين ٿا سور سامهان،
”ٻارڻ“ انهيءَ عذاب جي، ڪجي تہ ڳالهہ ڪيئن ڪجي.

⊙



جيون جهاڳ اَجهاڳ - محمد ٻارڻ

ڳالهہ حق جي ڪجي، صاف سچ جي ڪجي.
پٽ پرائي نہ ڪا، ڪوڙ ڪچ جي ڪجي.

ڪيتريون سنڌ تي، روز ڪاهون ٿين،
پر حفاظت سندس، هر انچ جي ڪجي.

سار مُسڪين جي اڄ، لوڪ سارو لهي،
پر مدد جي ڪجي، ٻي پهچ جي ڪجي.

چو خراجون ڏجن، ولد قاسم ڪي ير،
ياد ڏاهر جي، ڪا تہ چچ جي ڪجي.

طرف منزل جڏهن، ڪيئي راهون ٿيون،
پوءِ ”ٻارڻ“ پسند، واٽ وچ جي ڪجي.

⊙

زبان توڙي قلم ۾ ڪو، اثر شمشير ڪر پيدا.
سنواري سنڌ ساريءَ کي، نئين ڪشمير ڪر پيدا.

جهالت جي وجي ظلمت، علم جي جوت جرڪي پئي،
عمل توڙي فڪر ۾ ڪو، وري تنوير ڪر پيدا.

مسيحا ٿو سڏائين جي، تہ ڪر علاج دردن جو،
دوا دردن دکن جي ڪا، اصل اڪثير ڪر پيدا.

فقط قسمت مٿي تڪيو، رکي ويهڻ سُٺو ناهي،
ٿئي تقدير جيئن روشن، اها تدبير ڪر پيدا.

سجاڳي قوم ۾ "پارڙ" ٿئي من تنهنجي شعرن سان،
غزل ۾ گيت گفتي ۾، گهڻو تاثير ڪر پيدا.

⊙





ڪشڪول ٽوڙ پهرين، خود دار پو سڏائي.
ڪشتي پڄا ڪناري، پتوار پو سڏائي.

همدرد جي نہ آهين، هوڪا ڏيڻ ڇڏي ڏي،
احساس ڏار دل ۾، دلدار پو سڏائي.

ڪهڙي طرح ڪرين ٿو، دعويٰ ٺلهي اجائي،
خوشبوءِ پڄاءِ جڳ کي، گلزار پو سڏائي.

نفرت ٿي جا وڏائي، دولت اها ڪنهن ڪم جي،
من ۾ سمائي محبت، زردار پو سڏائي.

دشمن ڏکيو آ "پارڙ" توتي تہ حيف آهي،
غم درد لاهي ان جا، غمخوار پو سڏائي.

⊙

ملوڪ ملڪ سارا پر، نمايان آ نواب سنڌ.
رنگين رنگ انيڪ تيا، عطرعنبر تراب سنڌ.

لطيف ۽ اياز جو، هي ديس آهي دلربا،
ملير ڪاڇو، ڪيرٿر، حسين ڪو خواب سنڌ.

ننگر ٺٽو ۽ مڪّلي، منجهس موهن جو دڙو،
ثقافتي مثال سو، سنڌو ڪيو شهاب سنڌ.

پليون پنيون پلا فصل، پلا سنڌي سچارڙا،
پريم پيار جا ملن، ثبوت سو ثواب سنڌ.

سدا بهار سان سنبل، چنبيلي موتيا ٽڙن،
سڳنڌ سان روح واسيا، گلن ڪئي گلاب سنڌ.

سڌير ڪيترا سنڌي، پڙهيا لکيا فلاسفر،
جنين جي سوچ سمجهه سان، تي آ فيضياب سنڌ.

جڏهن ڪڏهن جتان ڪتان، لکين لڏا لڏيا اچن،
انهيءَ مان صاف صاف آ، سلامتيءَ جو باب سنڌ.

⊙



جيون جهاڳ اَجهاڳ - محمد پارڙ

ڪري ڪرميٽ ڪن ڪتيو، ڪڏهن توکي ڪڏهن مونکي.
ڦُريو ڪنهن آهي ڪنهن ڦتيو، ڪڏهن توکي ڪڏهن مونکي.

جنجهوڙيو روح کي رسمن، هتوڙا ذهن تي وسيا،
گهٽا ڏيئي ويو گهٽيو، ڪڏهن توکي ڪڏهن مونکي.

اتي توڙي لٽي جا ۽، اُجهي جا آسرا ڏيئي،
پري بازار ۾ لُٽيو، ڪڏهن توکي ڪڏهن مونکي.

حقن جي حاصلاتن جا، سنهرا باغ ڏيکاري،
انهن سورن اندر سٽيو، ڪڏهن توکي ڪڏهن مونکي.

وڏن چالاڪ ماڻهن کي، اسين پرکي نہ سگهياسين،
ڏتا ڏيئي جنين ڏتيو، ڪڏهن توکي ڪڏهن مونکي.

دغا دوکي فريبن سان، ڏکوئڻ ڏيهه واسين کي،
بگهڙ جيئڻ پاپين پٽيو، ڪڏهن توکي ڪڏهن مونکي.

سکڻ سمجهڻ جي اي ”پارڙ“ رکون ٽا آرزو هر پل،
اچي ويرين آهي وٽيو، ڪڏهن توکي ڪڏهن مونکي.

⊙

وندر روح راحت، ربابن ۾ ڳوله.
حسن سونهن شوخي، شبابن ۾ ڳوله.

محبت وفا جي، اتئي جي تلاش،
سچائي، صداقت، حجابن ۾ ڳوله.

ٽيڻ لا تعلق، گهرين تو جهان کان،
نشو سو اکين جي، شرابن ۾ ڳوله.

سڳنڌ ساهه ۾ جي، سمائڻ تو چاهين،
پرينءَ جي سا گفتن، گلابن ۾ ڳوله.

طلب تانگهه دل ۾، اتئي جي علم جي،
خزانو سو "پارڻ" ڪتابن ۾ ڳوله.

⊙





راهه جيڪو تڪي، تنهن نظر کان پڇو.
سور ڪيڏا مليا، دل جگر کان پڇو.

ڪونجڙي جا چني، ساٿ پنهنجي وڻان،
روهه ويندل انهيءَ، جي ولر کان پڇو.

سنگتراشي ۾ ٿي، جيڪا اذيت ملي،
مورتي جو بنيو، ان پٿر کان پڇو.

ڪيڏو پيارو لڳو، هو پيارو پرين،
سرمئي شام جي، ان پهر کان پڇو.

ڪيڏي آهي ڪٺن، اوسيئڙي جي گهڙي،
ڪنهن جي لاءِ بيٺل، منتظر کان پڇو.

هيل سنڌ تي ڪڪر، ناهي "پارڻ" وٺو،
قحط ڪيڏو ٿيو، سو نه ٿر کان پڇو.

⊙

جنميا اندر ۾ جي سي، جذبا دفن ڪياسين.
دل جي لحد ۾ سڪ جا، لاشا دفن ڪياسين.

جيڪي چوڻ گهرون ٿا، سو ڏيهہ کي ڏکوئي،
مجبور ٿي گلابي، گفتا دفن ڪياسين.

بي خوف ٿي حياتيءَ ۾ ڪو نڪار آٽيون،
خطرات خوف ڪُنڪا، خدشا دفن ڪياسين.

سچ ساڻ سات پُختو، ڄڙيل ازل کان آهي،
باقي پيا رواجي، رشتا دفن ڪياسين.

محبت اها غنيمت، جيڪا ملي پرينءَ کان،
هر تاجور جا تحفا، تمغا دفن ڪياسين.

پينو پيار جا ٿي، در در صدا هڻون ٿا،
پي بيڪ جي پنڻ جا ڪشتا دفن ڪياسين.

⊙


www.sindhsalamat.com



چهرن اندر چتائي، انسان ڳولهيان پيو.
هٿ هٿ تي پيار محبت، ايمان ڳولهيان پيو.

انڌا ۽ اونڌا ويڇو، جهليو نہ منهنجو رستو،
آئون اجان پيو ڪو، لقمان ڳولهيان پيو.

جنّت جي ڏيو نہ لالچ، دوزخ جو ڏيو نہ دڙڪو،
دردن جو دربدر ٿي، درمان ڳولهيان پيو.

نفرت جي باهہ چڏيون، دليون دکائي ٻاري،
مُک مُک تي محبتون ۽، مُسڪان ڳولهيان پيو.

”پارڻ“ اصل ۾ مونکي، سچ جي تلاش آهي،
ان سونهن جو اکين سان، ايوان ڳولهيان پيو.

⊙


www.sindhsalamat.com

گيت اياز جو، شاهہ جي راڳڻي.
ٿي لڳي، ساهہ کي، پدمڻي ڪامڻي.

سامهون شرمائي ٿي، روح گرمائي ٿي،
ڏاڍو پرمائي ٿي، نرتڪي ناچڻي.

ناز انداز سان، منٺڙي آواز سان،
جيتي دليون وئي، پريت جي پالڻي.

جلوه گر سوبسو، اپسرا هو ڀهو،
جيءَ لاءِ تہ سا، مند آ سانوڻي.

پيار سان جي سڏي، هانءُ ٺاريو ڇڏي،
ٿي تہ ”پارڻ“ لڳي، هير جڻ ڏاڪڻي.

⊙





جهڙو سڄڻ آ سهڻو، تهڙي وفا ڪري ٿو.
تڏهن تہ هر ڪو مُهن تان، جندڙي فدا ڪري ٿو.

لک لوڪ ۾ مسيحا، خدمت خلق جي ڪن ٿا،
پر ديد ساڻ دلبر، دل جي دوا ڪري ٿو.

نازڪ نزاڪتن سان، نيچايون نوابيون،
هوش وحواس تن جا، ڪن ۾ خطا ڪري ٿو.

مون ساڻ مهربانيون محبوب جون هميشہ،
ڳائي ڳڻي نہ سگهبا، وَڙ هو وڏا ڪري ٿو.

”پارڻ“ پيا ٻہ ڪيئي، قربان جان ڪن ٿا،
لاهي نقاب رُخ تان، جڏهن نگاهہ ڪري ٿو.

⊙

جڏهن جاني جلوه، نمائي ڪري ٿو.
تڏهن ساري دنيا، توائي ڪري ٿو.

خطا هوشُ ات، ڪيترن جا ٿين ٿا،
مهر جي نظرجت، سوائي ڪري ٿو.

ٿيو رات ڪاري ۽ روشن پوي ٿي،
جڏهن هو نقاب، ڪشائي ڪري ٿو.

ٿين قيد داناءَ حسن جي سحر ۾،
عقل عاقلن جو، هوائي ڪري ٿو.

ٿيان ڇو نہ قربان ”پارڻ“ انهيءَ تان،
سدا جو تہ مون سان، وفائي ڪري ٿو.

⊙





سڄڻ تون سراپا وفا ٿو لڳين.
بنهہ منهنجي دل جي، دوا ٿو لڳين.

جڏهن منهن اگهاڙي، ٿو سامهون اچين،
تڏهن سونهن جو، ديوتا ٿو لڳين.

سڏين پاڻ وٽ يا، جي مون وٽ اچين،
تڏهن منهنجي قسمت، مِٺا ٿو لڳين.

اندر منهنجو ٺاري، ڇڏين ٿو پرين،
ونئي جي ڪا ٿڌڙي، هوا ٿو لڳين.

ڏٺم تو ۾ پنهنجا سمورا عمل،
صفا مونکي منهنجي ڪٿا ٿو لڳين.

رچيا رنگ تو ۾، سندرتا سندا،
ڀِلوڪي ڀِلوڪي، ادا ٿو لڳين.

ڀُلي ويٺي ”پارڻ“ گهران روز جا،
اندر جي ڀُلائي، دعا ٿو لڳين.

⊙

پيرَ نازڪ ڪنيا، چير چم چم ڪئي.
روح تازو ٿيو، ذوق زم زم ڪئي.

سونهن جي جوت سان، ذات نکري پئي،
دل جي آڪاش تي، روپ رم جهم ڪئي.

ضبط جذبات تي، ڪجهه نہ منهنجو رهيو،
حوصلو ويو هليو، تنهن نہ هم تم ڪئي.

بيخودي چائنجي، ويئي ماحول تي،
دل تي ديوانگي، ديد دم دم ڪئي.

ٿي سجايو پيو، آهي ”پارڻ“ جيئڻ،
مُرڪي محبوب آ، مست موسم ڪئي.

⊙





روپ ۾ اندلت ڦُق وارا عمل.
گفتگو آ گيت وايون ۽ غزل.

رنگ سارنگ جا سمورا يار ۾،
پيار دل جي ٿر مٿي وسندڙ بدل.

سينڌ سهڻي جي لڳي ٿي ڪهڪشان،
نيڻ جڻ ڪينجهر اندر ٽڙيا ڪنول.

سونهن جو سنڌو چوان ساگر چوان،
لوڏ ۾ لهرن جيان ارڏا عمل.

آس جي آڪاس جو آ چنڊ هو،
چو نہ ”پارڻ“ دل ڏيئي لَن تيءُ اِچل.

⊙

نہ ديرو حرم جي، تمنا ڪئي آ.
اسان بس صنم جي، تمنا ڪئي آ.

چڙي جنگ جهيڙو، محبت ڳرون تا،
نظر جي ڪرم جي، تمنا ڪئي آ.

پلي ڌار گهاري، پيو دنيا سموري،
سچڻ جي سنگم جي، تمنا ڪئي آ.

اسانکي ڏيو سنڌ جا واسطا حق،
نہ باغ ارم جي، تمنا ڪئي آ.

جنم هن ۾ ”پارڙ“ جو جرڪايو جيون،
ڪڏهن پي جنم جي، تمنا ڪئي آ؟

⊙





سونهن جي سنسار جو، سهڻا تون آهين آفتاب.
تنهنجي جلون سان ٿيا پيا، سونهن وارا فيض ياب.

سونهن جو تون شهنشاهہ، پيا سيئي تو وٽ گدا،
هوش ڪان نڪرن هزارين، جي هٽي مک تان نقاب.

جنهن ڏٺي صورت سندءِ، ٿيندو سو مجني ڪان متي،
گم خيالن ۾ ئي هوندو، جاڳندي ڏسندو خواب.

قرب تنهنجو جي ملي، دنيا تہ جنت ٿي پوي،
زندگي بنجي وڃي هيءَ، خوبصورت ڪامياب.

پي نہ ”پارڙ“ جي تمنا، يار سهڻي کان سوا،
سو ملي مون ساڻ منهنجو، محترم عالي جناب.

⊙

هوش وحواس هوندي، بي هوش ٿو رهان.
چا تو پڇين تہ چالئہ، خاموش ٿو رهان.

ڪنهن ڏوھہ جو تصّور، ناهي شعور ۾،
پوءِ بہ ري گناهي، روپوش ٿو رهان.

شايد ڪڏهن ڪو ايندو، جو انتظار آ،
بس آجيان ڪرڻ لئہ، پُر جوش ٿو رهان.

ساهي پٽڻ جي سامت، ناهي ڏني ڏکن،
سورن اندر بہ سرهو، سنتوش ٿو رهان.

ڏوهي چوي زمانو، ان جو فڪر نہ آ،
پنهنجي تہ ليکي "پارڻ" نردوش ٿو رهان.

⊙





جدا پلي ڪر تون يار جيئري، مگر مرڻ تي ضرور روئيندين.
جڏهن چڏي هي جهان ويندس، اهو پڌڻ تي ضرور روئيندين.

پلي ستائي پلي رنجائي، پلي جگر تي خنجر هلائي،
مٿا تون منهنجي هميش لاءِ، جدا ٿيڻ تي ضرور روئيندين.

ظلم پلي ڪر ستم پلي ڪر، ڪرين ٿو جيڪي اهو ڪندو ڪر،
مگر هي لاشو مٽيءَ ۾ مٽڙا، دفن ڪرڻ تي ضرور روئيندين.

هزارين آسون اُميدون منهنجون، گھڙي گھڙي ۾ ختم ڪيون تو،
قبر وٽان اومٿا تون منهنجي، ڪڏهن لنگھڻ تي ضرور روئيندين.

سوين سمايون اندر ۾ ڳالهيون، مگر اي "پارڻ" پرڻ سُتوآ،
ڪڏهن تہ "محمد" سندو تون نالو، وٺِي سڏڻ تي ضرور روئيندين.

⊙

عشق جي آزار غم، ڏک سور جون ڳالهيون نہ پڇ.
اهلِ دل کان دين جون، دستور جون ڳالهيون نہ پڇ.

رات جا پويان پهر، جاڳي ڪٽيا جن هيڪلا،
ڪيفيت ڪيڏي ڪنن، ان پور جون ڳالهيون نہ پڇ.

دلُ گهريا جن کان پري، عيدون ڪري سگهندا ڪٿي،
عيد محرم جي مثل، عاشور جون ڳالهيون نہ پڇ.

زخم ڦٽ دل جا ڇِتائي، ويج ڪي سگهيا ڪڏهن،
نينهن جي ناحق ڪيا، ناسور جون ڳالهيون نہ پڇ.

ٻڙڪ ”ٻارڻ“ ڪڍ نہ ٻاهر، ٻوليون ٻولين ٿو ڇو،
مامرا مخفي ڀلا، مذڪور جون ڳالهيون نہ پڇ.

⊙


www.sindhsalamat.com



نظرِ ڪرم جي آهيون، قابل ڪڏهن ڪڏهن.
ٿيندو شرف اِهو آ، حاصل ڪڏهن ڪڏهن.

وچ سير مان گهٽائي، ٻي پار پهتا پيڙا،
ٻوڙي ڇڏيندو آهي، ساحل ڪڏهن ڪڏهن.

ويڄن بہ سر وڄايا، ڪيئي وڃا ڪندي پر،
ٿي تو پوي مسيحا، قاتل ڪڏهن ڪڏهن.

سچ چنڊ چمڪندا پيا، تحقيق تا قيامت،
پرسي بہ ٿيندا آهن، گهائل ڪڏهن ڪڏهن.

چريا ڇئي وٽن ٿا، ڪنهن وقت ڳالهہ ڪم جي،
ٻُلجي ٿو ڪو اڪابر، عاقل ڪڏهن ڪڏهن.

ماڻهوءَ جي سمجهہ سِڌ تي، ڪو اعتبار ناهي،
پڙهيو لکيو ٿئي ٿو، جاهل ڪڏهن ڪڏهن.

هڪ رنگ ۾ هميشہ دنيا رهي نہ رهندي،
رنگ ڪو ٿئي ٿو ان ۾، شامل ڪڏهن ڪڏهن.

ٿيندي رهي آ ”پارڻ“ حق جي فتح هميشہ،
حق تي ٿئي ٿو قابض، باطل ڪڏهن ڪڏهن.

⊙


www.sindhsalamat.com

وبا جيئن ويڙهي وئي منشيات.
ڏِکي جنهن تباهيءَ ڏي آندو حيات.

نہ محفوظ پوڙها، جوان توڙي ٻار،
هليو هر عمر تي اهو ٿري ڪات.

زهر آهي ناسور، جي آ مثال،
تباهي سو آٽي پيو ڏينهن رات.

اُجاڙيا جنهن لعنت، گهٽا گهر تمام،
جڙا ٿي اُلٿي تنهن، سڄي ڪائنات.

ٿيون مائرن جون، نگاهون نراس،
رهيو پينرن جو، سهارو نہ ساٿ.

ٿيا پيءُ پوڙها، پريشان حال،
ڪي معصوم ٻائر منجهہ مشڪلات.

جنت جهڙو جيون، جهنم جنجال،
هلاڪت ۾ هر هنڌ، انسان ذات.

ڪجي سوچي ”ٻارڻ“ ڪا سهٽي صلاح،
ملي هن مصيبت، مان جڳ کي نجات.

⊙


www.sindhsalamat.com



اسين اصل کانُ اداس آهيون.
نماڻا آهيون، نراس آهيون.

ظلم ڏسي ٿا لُڇون ۽ ڦٿڪون،
طبيعتن جا حساس آهيون.

سرها ٿيون ٿا ڪري وفائي،
ٿيا سچ سان روشناس آهيون.

حساب ڏيندا رهون ڏينهاڙي،
قيام جي آس پاس آهيون.

نہ پنهنجي عيبن تي پوش ”ٻارڻ“
مگر گهٽن جو لباس آهيون.

⊙


www.sindhsalamat.com

واپار جي روش ڪي، واپار ۾ رهڻ ڏي.
جذبا جي پيار وارا، سي پيار ۾ رهڻ ڏي.

هر ڳالهه جو علحده، دستور هوندو آهي،
هرڪو اصول پنهنجي، مقدار ۾ رهڻ ڏي.

گل ڪان تہ ڪنهن بہ حيلي خوشبوءِ ڦري نہ سگهبي،
مهڪار گل ۽ بلبل، گلزار ۾ رهڻ ڏي.

نقصان يا نفعي ڪي، محبت ۾ ناهي ڏسڻو،
گهاٽو ٿئي تہ ٿي پئي، اک يار ۾ رهڻ ڏي.

”پارڻ“ جهان ڪي تون، سمجهائي ڪو نہ سگهندين،
پرپاڻ ڪي تہ پنهنجي، اختيار ۾ رهڻ ڏي.

⊙





جو ڪنڌ ڏئي سنڌ تان، منصور ٿيو آهي.
سنڌ ماءُ سڌوري جو، نظر نور ٿيو آهي.

جو قيد ڳُرا ڪاٽي، حق پو بہ چوي ويٺو،
هن قوم ڪيو دل سان، منظور ٿيو آهي.

سنڌ لاءِ وڙهي جيڪو ، سنڌ لاءِ ڪڙهي جيڪو،
هنڌ سنڌ اندر ٿيندو، مشهور ٿيو آهي.

رت ست وڃائي جو، ڏينهن رات ڪري محنت،
پر پو بہ ڏکيو گهاري، مزدور ٿيو آهي.

جو ڪيت سدا ڪيڙي، سنگ سوڻ سمان ميڙي،
افسوس اڃان تائين، مجبور ٿيو آهي.

سڀ هون سکيا سرها، گهاري نہ ڏکن ۾ ڪو،
”پارڻ“ جو چٽو مقصد، منشور ٿيو آهي.

⊙

گهٽو مند موسم گلابن جي ڳولهيم.
گهٽي جڻ ڪنڊن جي، عذابن جي ڳولهيم.

ڏنم ننڊ ۽ جاڳ ۾، جيڪي اڪثر،
سقل ساڀيان تن، خوابن جي ڳولهيم.

بظاهر تہ ماتار، جيون ۾ آهي،
پئي راهہ رت، انقلابن جي ڳولهيم.

گناهن جي دلڪش، نگر ۾ گذاري،
دنيا دور ڪان ئي، ثوابن جي ڳولهيم.

پروڙڻ ڏکيو آهي، پڙري جهان کي،
حقيقت نقابن، حجابن جي ڳولهيم.

نہ مفهوم سمجهڻ جي "پارڻ" ڪيم ڪا،
ڪچائي ڦڪائي، ڪتابن جي ڳولهيم.

⊙





اکيون عقل اٿئي تان، اوندهہ کي ڇڏي ڏي.
رستو سڌو آ پڌرو، ٻي راهہ کي ڇڏي ڏي.

قاضي اندر ۾ تنهنجي، موجود هوندو آهي،
فتويٰ جي خوف خطري، پرواهہ کي ڇڏي ڏي.

من جي مندر ۾ سهڻي، رک مورتي تراشي،
تون ٻت شِڪن تہ ناهين، پيڄ ڏاهہ کي ڇڏي ڏي.

سونهان گهٽا ڇڏي هڪ، رهبر ۽ رهنما ڪر،
ڪوڙي انڌي عقيدي، ويساهہ کي ڇڏي ڏي.

پلجي ڪڏهن نہ ڪنهن جي، سوچ بدي برائي،
تون ڪر چڱا چڱائي، بدخواهہ کي ڇڏي ڏي.

ٻڌ جي ٻين جي "پارڻ" پر سمجهہ پنهنجي رکجي،
هر ڳالهہ تي اجائي، واهہ واهہ کي ڇڏي ڏي.

⊙

عشق جي آڳ ۾، پير پائي تہ ڏس،
پيار ڪنهن سان ڪري دل لڳائي تہ ڏس.

نينهن ناتوڳنديءِ، ماڻ ڪي محبتون،
ڪنهن پياري متان، من لٽائي تہ ڏس.

پيار انسان لئہ، آ ضروري گهڻو،
پيار جي راه ۾، وک وڌائي تہ ڏس.

نفرتون جو ڪري، ان سان ڪر محبتون،
دشمنن کي بہ ايئن، آزمائي تہ ڏس.

پيار محبت بنان، ڪهڙو "پارڻ" جيئڻ،
ساٿ سان زندگي، ڪجھ سجائي تہ ڏس.

⊙





سجڻ سدائين اکيون هي تنهنجي، اچڻ جون واٽون تڪينديون آهن.
ڪٿان تون ايندين ڏسي ڏسائون، صبر ۾ ڏينهڙا ڪٽينديون آهن.

پتا پڇيائون هوا کان تنهنجا، جواب ڪو جنهن ڏنو نہ تن کي،
خبر نہ آهي تہ اڻ ڏٺي ڪيئن، سمائون ساريون سلينديون آهن.

سماج هن جا ظلم سندا سب، محاذ ٽوڙي اچي مان ملندس،
پيار وارن کي ريتون رسمون، ڪڏهن نہ جاني جهلينديون آهن.

خيال توڙي خواب تنهنجا، گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ تلاش تنهنجي،
نہ روپ ڪنهن تي پرينءَ ري پرچن، نہ پاڻ پنهنجو پلينديون آهن.

گذار "پارڻ" تون آس ۾ ڏينهن، ملي تہ "محمد" سچڻ بہ ويندا،
جدا رهڻ جون گهڙيون ٿي ازخود، ملڻ جون راهون ڏسينديون آهن.

⊙

عيد اچي وئي، تون ﺑﮥ اچي وڃ.
مُند مچي وئي، تون ﺑﮥ اچي وڃ.

سانوڻ وسيو ٿي سرهائي،
پوک پچي وئي، تون ﺑﮥ اچي وڃ.

جذبن جيءَ ۾، جهيڙي جنگ،
رچنا رچي وئي، تون ﺑﮥ اچي وڃ.

پيار جي ڏُن تي، ساري نگري،
ناچ نچي وئي، تون ﺑﮥ اچي وڃ.

هر ڪنهن ساهه ۾ ، سِرجي ”ٻارڻ“
سونهن سچي وئي، تون ﺑﮥ اچي وڃ.

⊙





اُداس شام جا پهر، قرار جي صدا هڻن.
ڄندون جيئڻ جي واسطي، پيار جي صدا هڻن.

وجود وحشتن سبب، اُجاڙ جي لپيٽ ۾،
تڏهن ٿا گيت پريت جا، بهار جي صدا هڻن.

فريب جي آ ضرب سان، يقين ٿيو ذرا ذرا،
صداقتون اُڇي لُڇي، سڪار جي صدا هڻن.

ﻧﮥ روح راحتون رهيون، ﻧﮥ چاهتن جي چاندني،
انيڪ ساهه الفتن، اُڌار جي صدا هڻن.

اچو وسو اي بادلو، ڏڪار ڏيهه کي ڏنگيو،
ٿا مور مرگهه اُڄ مري، ملهار جي صدا هڻن.

سڄڻ ﺗﮥ ساڳيو ئي آ، ﻧﮥ ياد وعدا ﺗﮥ ڇا،
اکيون اکين کي بس رڳو، نيهار جي صدا هڻن.

اڃان ﺑﮥ آس جا ڏيئا، جهڪا سهي ٻرن پيا،
سرير سونهن سوپيا، نکار جي صدا هڻن.

ڀريا ٿريا مئي جا مٽ، ڪلال ڪن ڪرم نٿا،
پياڪ روپ جا پيا، خمار جي صدا هڻن.

⊙

سڳنڌ جي آرزو رکي، گلاب پوکيون پيا.
خزان هتي هميشہ آ، بهار ڳولهيون پيا.

غندن جي وحشتن سبب، بمن جو دونهہ ٿوُ گهٽي،
امن هتي بہ آڻجي، اهو ئي سوچيون پيا.

حسين هن زمين کي، ُاجاڙيو پيو وڃي،
ڌقير جي ٿا کن ٻپا، انهن کي روکيون پيا.

رهي ٿو جان تي جبر، کيو وڃي پيو قهر،
اجان بہ زندگي زهر، عذاب پوڪيون پيا.

جوان خودکشيون ڪري، حياتيون ختم پيا ڪن،
ڪڙو هي جام موت جو، هٿن سان اوتيون پيا.

اجا بہ جي نہ ڪجهہ ڪيو، تہ پو بقا ۾ آهي شڪ،
تڏهن تہ جابرن سان جنگ، جيئڻ لئہ جوٽيون پيا.

⊙



جيون جهاڳ اَجهاڳ - محمد پارڻ

هلائن حڪم ٿيو حاڪم، چنڊا چرپٽ نسورا چٽ،
صفا ناهن سهي سالم، چنڊا چرپٽ نسورا چٽ.

زمانن کان زماني جو، رهيو دستور هي آهي.
ڪمينا قوم جا قاسم، چنڊا چرپٽ نسورا چٽ.

ڪتن ڪڪڙن رڇن واريون، وتن ويڙهون ڪرائيندا،
ڪڏهن ناهن ٿيا نادم چنڊا چرپٽ نسورا چٽ.

امن انصاف کي جڪڙي، رکيائون پنهنجي هٿ وس ۾،
ڪندا سي ڪيئن نيا ناظم، چنڊا چرپٽ نسورا چٽ.

نہ اخلاقي نہ قانوني،حدن جي پاسداري ڪن،
وڏا رهزن وڏا ظالم، چنڊا چرپٽ نسورا چٽ.

انڌا اونڌا گونگا ٻوڙا، وڏن پيٽن سان پيٽوڙي،
ويا بنجي اهي بالم، چنڊا چرپٽ نسورا چٽ.

ٿئي جيڪو پيو ”پارڻ“ لڪايو ٿو وڃي سوئي،
لکن ٿا ڪوڙ ڪي، راقم، چنڊا چرپٽ نسورا چٽ.

⊙

جي روڪي سگهين ٿو، تہ گولين کي روڪ.
پلا راندين رت، رتولين کي روڪ.

ٿيا هاري مزدور آهن سجاڳ،
اٿئي سگهہ ٽپي تن، جي ٽولين کي روڪ.

وڏو ٿي َلبي جو، ورائج پلانڊ،
انهن مائرن جي، ئي لولين کي روڪ.

ڏئي ڪن ٻڌين پيو، جي پنهنجي خلاف،
انهن ٽوڪرن ۽ ٽنولين کي روڪ.

هٿيُ اڪ ملائڻ جي ڪنهن کي مجال،
مگر هاڻ هل اڪ مچولين کي روڪ.

ٿيو ڏوڙ تنهجي حڪم جو تمام،
ڪٽي پاڙين پيلي، پولين کي روڪ.

اُٿي آجپي لاءِ "پارڻ" عوام،
انهن سمنڊ جي، چوٽ چولين کي روڪ.

⊙





دل جي دنيا دنگ اسانجو.
ڇُرندو رهندو چنگ اسانجو.

ڪنهن کي وٽندا ناهيون سائين،
اهڙو روپ ۽ رنگ اسانجو.

ڪنهنجي چاهڻ لائق ناهيون،
آڏو لُتو ڏنگ اسانجو.

سک نہ هڪڙي ساعت سريو،
اهڙو اڙيو انگ اسانجو.

جذبن تي پئي جبري بندش،
سورن سان آ سنگ اسانجو.

ڦهري رسمن قانونن سان،
اٽڪيو من اڙٻنگ اسانجو.

دهشت گردن جي هٿ "پارڻ"
ناموس ٽوڙي ٽنگ اسانجو.

⊙

وفا جي حنا رنگ، لاتا جڏهن.
ڄُڙيا جابجا نينهن، ناتا جڏهن.

هوا ڳُگنايو، اگڙ مهڪيو،
گهٽيءَ ۾ پرينءَ، پير پاتا جڏهن.

گلابن سڳنڌ ڪي، وکيري ڇڏيو،
ڪلين پيار جا، راڳ ڳاتا جڏهن.

ڪيون چنڊ تارن، بہ سرگوشيون،
انهن روپ جا، راز ڄاتا جڏهن.

وڏي دل جي ساگر، ۾ آئيُ ٽل،
ٽيا نيڻ ڪنهن لاءِ، آتا جڏهن.

رچي روح ۾، رچنا ”پارڻ“ امر،
ڪٽي خط پهتا، ڪنياتا جڏهن.

⊙





بي جوڙ رشتا ڪيئي، هت جوڙ جي وڃن ٿا.
پر رشتا جي مناسب، سي ٽوڙجي وڃن ٿا.

وحشت عروج تي آ، ٿو ڄاڻي هر ڪو ماڻهو،
دلين اندر تہ خنجر، ڪئين ڪوڙجي وڃن ٿا.

ويساهہ گهاتين جي،کهڙي ڪٿا ٻڌايون،
ويجهن گهٽڻ جا اڪثر، منهن موڙ جي وڃن ٿا.

دولت مندن جي هٿ ۾، انصاف جي آ ڏوري،
تڏهن تہ خون ناحق، هت ٻوڙ جي وڃن ٿا.

سچ سونهن آ حقيقي، ”پارڻ“ مڃان ٿو ليڪن،
ماڻهو سچي ٻڌڻ تي، باهوڙجي وڃن ٿا.

⊙

وري بہ ڪي نوان پئي، عذابَ زندگي ءُ گهري.
وفا جي آرزو رکي، سراب زندگي گهري.

حسين صورتن جي آ، طواف ۾ محو نظر،
تڏهن بہ سونهن سوپيا، شباب زندگي گهري.

پرينءَ جي آس پاس ۾، رهي سڦلتا ماڻجي،
سڳنڌ سان روح واسجي، گلابَ زندگي گهري.

ازل کان هيُ اجيون اکيون، ڪڏهن نہ پيتي ڍاپجن،
چڙهن ڪي ڪيپَ چاهہ جا شراب زندگي گهري.

پيار ۾ فنا ٿيڻ، جو شوق ساهہ ۾ رکي،
اندر جي آڳ ۾ جلي، عتاب زندگي گهري.

نہ ٿي سگهي دنيا جنت، نہ ساپيان پلئہ پئي،
تڏهن بہ ڪي سُندر سُندر، خوابَ زندگي گهري.

نہ فاصلا گهٽي سگهيا نہ حوصلا وڌي سگهيا،
سوال سامهون ڪيترا، جواب زندگي گهري.

حقيقتون لڪيون رهيون، ءُ ڳجها رهن ٿا راز ڪئين،
”پارڻ“ هي عشق جا ڪليا، ڪتاب زندگي گهري.

⊙





هر روز مِنا مونسان، تڪرار چڱو ناهي.
بي ڏوهہ ڏيڻ ڏک غم، آزار چڱو ناهي.

ٿي پيار محبت سان، دلين کي ملي راحت،
افسوس مگر تنهنجو، انڪار چڱو ناهي.

هر راز ڳجهو دل جو، دل منجهہ رکڻ گهرجي.
هِنَ هُن جي اڳيان الفت، اظهار چڱو ناهي.

الزام تراشيءَ جي، حد ڪاٿہ هئڻ گهرجي،
هر ڏوهہ مڙهڻ مون تي، سرڪار چڱو ناهي.

”پارڻ“ تي سدا ايڏو، ناراض رهين ڇو ٿو،
ڪنهن وهم اجائي جو ويچار چڱو ناهي.

⊙

ٿي تڙپي تولئہ ديد پرين.
اڄ ڪيئن ملهايان عيد پرين.

ويا مِٽجي سُک، سڀ سورن ۾،
ڪا پوري ٿي نہ اُميد پرين.

ٿي من وستي، ۾ ڏُنڌ ڪڏي،
اڄ اُپري تون، خورشيد پرين.

توکي پنهنجو جيون اَرپي،
مون ڪيڙا غم خريد پرين.

بسِ "پارڻ" کي آ تانگهہ سندءِ،
ور هاڻ ڪري تاڪيد پرين.

⊙



www.sindhsalamat.com



چڙهئي سج چريا، تون تارا نہ ڳولہ.
ڪنن منجھہ پلجي، ڪنارا نہ ڳولہ.

دغائن جي دستور، جو آ عروج،
اياڻا اجايا، سهارا نہ ڳولہ.

سفر لاءِ ساٿي، تہ گهرجي ضرور،
انڌيري ۾ اک جا اشارا نہ ڳولہ.

تڙپ جي نہ آهي، تہ کهڙي تلاش،
گهڙي لاءِ گهرگهر، گذارا نہ ڳولہ.

اکين ۾ نہ "پارڻ" رهي التماس،
نوان نينهن وارا، نظارا نہ ڳولہ.

⊙



www.sindhsalamat.com

اڄ پرين چاھ جو، چنگ چوري ڏسون.
پيار جي راھ ۾، پاڻ گھوري ڏسون.

ڪو تہ منڊجي منڊل، ڪاڪ اڏجي نئين،
نفرتن جو نگر، جاني جھوري ڏسون.

منزلون مختصر، ٿي پون پيار جون،
محبتي من ڳھريا، ڏيھ ڏوري ڏسون.

روز ھڪ ٻئي ڪي آ، نامناسب ڏسڻ،
ڪنھن سڀاڳي صبح، ڏڻ سڳوري ڏسون.

پابنديون پاڻ تي، ڪيئي پھرا پيا،
اڄ تہ احوال ڪي، يار اوري ڏسون.

⊙


www.sindhsalamat.com

جيون جھاڳ اَجھاڳ - محمد پارڻ

اڇوتہ قوم ملڪ جا، ڪي پاسبان ٿي رھون.
ظلم ۽ ڏاڍ جي اڳيان، اٽل چٽان ٿي رھون.

ٻرن مٿي ڪڙي نظر، رکي ڪريون سي واڪا،
امن امان جا سنوان، سِڌا نشان ٿي رھون.

اميد جي ڪرڻ ڦٽي، اڇو ملي اڳيان وڌون،
تمام حق ڦري وٺون، جري جوان ٿي رھون.

جنين سدا ڦريو لٽيو، انھن جي راھ روڪيون،
غريب ھن عوام جي، ڳلي زبان ٿي رھون.

جدا جدا الڳ الڳ، ٿيو پيا ورھائجون،
مِڙي ڄڙي ٻڌي ڪجي، تہ بي گمان ٿي رھون.

سمورا طلسمن سندا، ھي سومنات ڊاھيا،
جيئڻ جي ڪاڻ جانبو، ڄدا جھان ٿي رھون.

حقن جي حاصلات لئہ ”پارڻ“ سجاڳ قوم ڪر،
وطن جي ڪيت ڪيت جا، ڪمي ڪسان ٿي رھون.

⊙


www.sindhsalamat.com

ارپي ڇڏيم حياتي، محبت پيار کي.
گھوري آ سر بہ ڏيٺو، آخر ھي يار کي.

مرڪي مليو جي دلبر، تن من ٿري پيو،
ڪيئن ٿو وساري سگھجي، ٻانھن جي ھار کي.

سُر راڳ سڀ ڇڙن ٿا، محبت جي ساز تي،
سانديو مون ساھہ ۾ آ، سڪ کي ۽ سار کي.

محبت جي لاءِ آدم، جنّت ڇڏي ڏني،
آباد جنھن ڪيو ھِن دنيا جي دار کي.

سپنن جون ساپيائون، سڀ سنگ ساٿ ۾،
تنھا جيئي ٿو جو سو، ترسي قرار کي.

جيون اجھاڳ ساگر، ڪشتي بنان ڪڏھن،
پھچي نہ سگھيو ڪوئي، پانڌي ٻي پار کي.

”ٻارڻ“ ٻکن ۾ منھنجي، منھنجو صنم ھجي،
ھڪ ھي سوال آھي، پروردگار کي.

⊙





ڏور منزل نہ آ، وک وڏائي ھلو.
ٿو کپي ساٿيو، ھوش سان حوصلو.

اي غريبو اچو، سڀ مِڙي مُٺ ٿيون،
ظالمن ۾ پوي، خوف کان ٿرٿلو.

ظلم جيڪو سھي، پر بہ ٿو چُپ رھي،
سو بہ ظالم اٿو، ظلم جو ڀرجھلو.

ھو وڏيرو وڏو، ڏاڍو ڪمزور آ،
جلد پوندو جھڪي، ٿورو ڪريو بلو.

ڪنھن بہ فرعون کان، چو ٻجي ٿاپڄو،
ڪو نہ ٻيھندو ڪو ھڪ، پاڻ ۾ جي مِلو.

⊙

ملي نہ منزل، تہ راهہ ڳولهيم.
وسيلو ڳولهيم، ڪا واهہ ڳولهيم.

هِتان ھُتان هٿ، جڏهن کنيائون،
ٿيو آ ڪهڙو، گناهہ ڳولهيم.

خطائون خاميون، ٿيو پون ٿيون،
نيت سچيءَ سان، نباهہ ڳولهيم.

جهان وارن، جڏهن ستايو،
تہ شاعريءَ ۾، پناهہ ڳولهيم.

ملي جتان جا، بہ واٽ "ٻارڻ"
اول ۽ آخر، الله ڳولهيم.

⊙





اِجهي رنگ محبت، جا ويندا رچي.
پريتن جون پوکون، بہ پونديون پچي.

ڏبا آجياڻا، پريمي سڏي،
ٻُني نينهن ونڊبا، نئين سرنچي.

سڏائبا ميڙاڪا، پاڻهہ سان،
ڀِتائي جي ڀر ۾، ڪي ڪينجهر اچي.

پيا ڳائبا گيت، ميڙائي جا،
اڳڻ هر ڪنهن محفل جي ويندي مچي.

لهي ويندا پهرا، مٿان پيار جي،
دفعہ ٽيندا سارا، ٻُڇا لالچي.

نظر پيار تي جي، رکن ٿا ڪڙي،
ٻُهي ڪنهن بہ هنڌ تي نہ سگهندا بچي.

اِهي ڏيهہ ۾ ڏينهن، ايندا وري،
چوي ٿو جو "ٻارڻ" سو ٿيندو سچي.

⊙

ڪڏهن ڪي الوداع وارا، اشارا وسرندا ناهن.
لڳي جن سان وڃي ٿي دل، پيارا وسرندا ناهن.

حياتي جن سان گڏ گهارڻ، جا ڪيئي ها ڏٺا سپنا،
رهن ٿا جيءَ ۾ سي جيءَ، جيارا وسرندا ناهن.

وسايا جن سان گڏ سانوڻ، ڪيا جت واعدا ويهي،
اُهي هنڌ ماڳ ۽ نقشا، نظارا وسرندا ناهن.

وجهي جن جان خطري ۾، وسائي پيار جي برڪا،
اُهي ثابت سچا من جا، سهارا وسرندا ناهن.

ڪچهريون مچ تي ويهي، ڪيون ڪئين راتيون جاڳي،
اُهي پارن ڀريا سيئڙا، سيارا وسرندا ناهن.

تماچي پاڻ ڪي سمجهي، بنايو نوري هو ڪنهنڪي،
اُهي لهرون اُهي ڪينجهر، ڪنارا وسرندا ناهن.

ڀلي ڇا ٿي پوي ”پارڻ“ مٺا محبوب من اُگهريا.
جنين سان پرت هوندي سي، پنارا وسرندا ناهن.

⊙





ٿري سونهن جي منهن ويڙهي وئي.
صفا ساهه مُٺ منجهه ميڙي وئي.

لڳي شوق ڪي بيرُخي جي ضرب،
اميدن جا ٻَڪيا، اُڌيڙي وئي.

ڪري خوب دلڪش، ادائون غضب،
جواني سا جذبات ڇيڙي وئي.

ڀڳو دل جو درپن، نه درشن ٿيو،
جهلڪ اڻ-لکي عقل ٿيڙي وئي.

گهڙي سا نه وسري، سگهي ٿي ڪڏهن،
جڏهن پرم سارو، ٻگيڙي وئي.

جڏهن پر مان گذري، سراپا سڳنڌ،
ڪٿوري جان خوشبوءِ، پکيڙي وئي.

سنڀالي نه ’پارڻ‘ سگهيس پاڻ ڪي،
ڪري رمزون ڪي روح ريڙهي وئي.

⊙

اڄ بہ تنھنجي ديد لئہ، دلدار دل ۾ درد آ.
سور سيني ۾ سوين، ۽ آھ نڪتي سرد آ.

ڏينھن گذريا مينھن وسيا، موسمون آيون ويون،
تي ويا نقشا نوان پر، منھنجو چھرو زرد آ.

سڪ تنھنجي سينو ساڙيو، ساھ سوڙھو ٿيو سندم،
چاھتن چريو چوايو، چرچو ھي چئو گرد آ.

بخت جي بدبختي آ، يا بي وسي بيڪار پڻ،
ھيڪلو ٿيندو وڃان، مونکان پري ھرفرد آ.

مون تہ حيلا ھڙ ھلايا، پر ھليو ھڻ وٺ نہ ھڪ،
محبتي ميدان جو ”محمد“ بہ بنيو مرد آ.

⊙



www.sindhsalamat.com



سچ ڪان سوا سمورا سودا وٽيا نہ وٽندا.
ناٽا نوازشون پيا، نفعا وٽيا نہ وٽندا.

غيرن اڳيان گرھ لئہ، گوڏا پيجي نہ وھبو،
اڇليل ٽڪر سوادي، سٽپا وٽيا نہ وٽندا.

ُگھرجي عزت اسانکي، دولت نہ ڪائي شھرت،
ڪل امتيازي تحفا، تمغا وٽيا نہ وٽندا.

اخلاق ۽ ادب جو، دامن ھتان نہ ڇڏبو،
چالاڪي چلولايون، چرچا وٽيا نہ وٽندا.

ٻي جي ھدايتن تي، ٻولين جيڪي ٻوليون،
سھٽا ھجن سي توڙي، طوطا وٽيا نہ وٽندا.

ھر موڙ تي ھزارين، ڏاھا ـ ڦسين ڏِسيون،
آھي شڪر ريّا جا، رستا وٽيا نہ وٽندا.

سپ ڊونگ ڊينگ ”پارڻ“ مڙھيل منافقي جا،
جڙتو سزا جزا لئہ، جرڳا وٽيا وٽندا.

⊙



www.sindhsalamat.com

جڏهن بہ نيڻ توڪنيا، گلابي گل ٽڙي پيا.
ڪلين ۾ آئي تازگي، چمن ۾ چنگ چڙي پيا.

حسين ڪائنات جا، نوان ٿيا روپ رونما،
جهان ۾ عجيب رنگ، جنت سمان جڙي پيا.

او ڊولڻا او ڍوليا، تو راهہ ويندا روليا،
ٻہ ٻول ڪي جي ٻوليا، پکي پکڻ مڙي پيا.

نقاب تو هٽايو، تہ مسڪرايو ڪهڪشان،
ٿي آس پوري چنڊ جي، ستارا جهٽ ڪڙي پيا.

تو آرسون جي موڙيون، تہ جام جڳ ڪي ارپيا،
”ٻارڻ“ گهٽا پيئڻ بنان، خمار ۾ ٽڙي پيا.

⊙


www.sindhsalamat.com



روح جو روح سان، پيار ٿي تو وڃي.
اڻ ڏٺو اڻ ـلکو، وار ٿي تو وڃي.

عشق سختيون ڏسي، موٽندو ڪونہ آ،
مشڪلن جو دريا، پار ٿي تو وڃي.

گل پٿر جي سيني، تي بہ ڪڙيو پون،
مهربان جي تہ، ملهار ٿي تو وڃي.

ڪجھ تہ ڪاغذ مٿي، اوتيو تو وٿان،
برهہ جو هاڻُ تي، بار ٿي تو وڃي.

چاهتون محبتون، ڪنهن جي لاءِ وڏن،
ڪو تہ اکين سندو، ٺار ٿي تو وڃي.

ڪنهن گهڙيءَ ڪنهن مهل، جي پيارو ملي،
هي تہ ”ٻارڻ“ تڏهن، ٻار ٿي تو وڃي.

⊙


www.sindhsalamat.com

ڪرين ٿو تون ڪهڙن، گلابن جون ڳالهيون.
اسان وٽ تہ آهن، عذابن جون ڳالهيون.

سمجهي سوڙ آڏيءَ جو، ڊگها اٿن ٿا،
سمهڻ ڪي سِڪون چا، خوابن جون ڳالهيون.

ڪٿي سير لاءِ، ڪڙهون منجهہ ڪاڙهن،
ٻڌون ٿا فقط ڪي، ڪتابن جون ڳالهيون.

ملي مهل ڪنهن مس، مِٽو صاف پاڻي،
ڪري ڪير شربت، شرابن جون ڳالهيون.

همہ وقت تو وٽ، اسان واريون عيدون،
مچن محفلون ۾، ربابن جون ڳالهيون.

پيا وقت "پارڻ" ڏکيو سکيو ڪاٽيون،
پون ياد ڪنهن پر، ثوابن جون ڳالهيون.

⊙


www.sindhsalamat.com



چاهتون چنڊ جون، چانڊنيءَ ۾ ڏٺم.
سونهن ڪيڏي امر، سادگيءَ ۾ ڏٺم.

پنهنجي ويساهہ تي، شڪ مونکي ٿيو،
پيار ايڏو لِڪل، بي رُخيءَ ۾ ڏٺم.

زندگي ڪيترو، خوبصورت لڳي،
ڪيف ڪاٿو نہ ڪو، مئي ڪشي ۾ ڏٺم.

عشق سونهون ٿيو، واٽ پڌري ٿئي،
انتظاري مگر، عاشقيءَ ۾ ڏٺم.

ناهي وسري سگهي، سا گهڙي عمر پر،
جيڪا "پارڻ" ھئي، بيخوديءَ ۾ ڏٺم.

⊙


www.sindhsalamat.com

الڳ اهلِ دل جو، ڌرم هوندو آهي.
جتي قرب سان گڏ، ڪرم هوندو آهي.

اهو عشق ۾ آهي، جائز بلاشڪ،
دنيا لاءِ جنهن ۾، شرم هوندو آهي.

اڪيلو ڇڏيندو، جڏهن لوڪ سارو،
وفائن جو دل کي، ڀرم هوندو آهي.

جڏهن پيار وارا، ملن پاڻ ۾ تا،
زمانو تڏهن چو، گرم هوندو آهي.

صنم کي ڪرڻ سجدو، آهي عبادت،
اُهو ڪعبو ڪاشي، حرم هوندو آهي.

دغا دوکو نفرت، ۽ ڪلفت ڪدورت،
محبت جي لاءِ، مرم هوندو آهي.

پرت پيار جي جو، ڪري پاسداري،
اسان لاءِ سو، محترم هوندو آهي.

ٻين کان ٻُڌي ٻول ٻاڙا بہ ”پارڻ“
اسانجو تہ لهجو، نرم هوندو آهي.

⊙


www.sindhsalamat.com



ڪنڌا ڪنيا سين، گلاب سمجهي.
گناهہ ڪيئڙا، ثواب سمجهي.

وري وري تا، ويهون وساري،
حقيقتن کي، خواب سمجهي.

نظر ۾ نفرت، هجي انهيءَ کي،
ڀُلائي ڇڏيو، حجاب سمجهي.

حسين هٿ سان، ڪلي ۽ خوش ٿي،
زهر پيئون تا، شراب سمجهي.

سبق ملي جنهن مان آيتن جو،
رسالو ڇڏيو، ڪتاب سمجهي.

⊙


www.sindhsalamat.com

رهن نماڻيون نراس اڪيون.
پرينءَ پسڻ لئه اداس اڪيون.

سِڪونَ جي لئه سڪن سدائين،
هي نند کان ناشناس اڪيون.

تلاش ۾ سي تمام جيون،
ڪنديون رهن التماس اڪيون.

جتي ڪٿي پرتوا پرينءَ جا،
عجيب آهن عڪاس اڪيون.

قصا ڪهاڻيون ڪجن چا "پارڻ"
برهه ڪيون بدحواس اڪيون.

⊙





ڏسندي پرين پيارو، سچ چند شهاب وسريا.
محبت جو جام مليو، ساقي شراب وسريا.

سرهاڻ پيار جي سان، معطر ٿيو اندر آ،
چمپا چندن چنبيلي، موتيا گلاب وسريا.

هي باب عشق وارو، جيئن مون پڙهي پروڙيو،
مونکان عقل علم جا، ڪل ئي ڪتاب وسريا.

محبت وفا ڪي ماڻهو، تا پاپ چا لئه سمجهن،
مونکان پيار ڏاران، سارا ثواب وسريا.

هڪ ديد ساڻ دل ڪي، اهڙي ملي آ راحت،
هڪدم سچي عمرجا، رنج غم عذاب وسريا.

هاڻي فقط ڏسان تو، هڪڙي پرينءَ جا سپنا،
"پارڻ" پيا سمورا، آهن خواب وسريا.

⊙

ديرَ ڏاڍي لڳي، رات باقي َبتي.
شوق جي ساھ ۾ موج مستي متي.

مون نهاريو گهڻو، توکي اڇڻو نہ هو،
شال سڪ جي سڄڻ، ڪا مليئي رتي.

واءُ وريو وري، آ وڇوڙي سندو،
تند پوندي ُٽٽي، جا اڳي نِستي.

مند موٽي وري، تون نہ آئين اجان،
چيٽ ڏينهڙا ويا، آ لِڪڻ تي ڪتي.

ٿو وڇوڙو ُلڻي، روح جون راحتون،
تون جڏهن من ملين، تان ٿيون فرحتي.

آءُ ”پارڻ“ سندي، تون تڏي تي ڪڏهن،
سا گهڙي اڌ گهڙي، زندگي قيمتي.

⊙





دلين ۾ درد ايذا، ڏاريو نہ دوستو.
جيون ڏکيو ڏکن ۾، ڏاريو نہ دوستو.

ڪنهن دانهن ڪوڪ تي پيي، ڏرجي ڏيان ڪجھ،
پر واڙ ائين ڪنن تان، واريو نہ دوستو.

دل جي ُگهري انهن سان، ويڇا نٽا سونهن،
پنهنجن وٽان پري تي، گهاريو نہ دوستو.

جيون پيار ڏاران، سگهڙو سُڄو لڳي،
محبت مئي هٿن سان، هاريو نہ دوستو.

ايندي بهار موٽي، ڪڙنديون وري ڪليون،
مالهي کي ڏيئي مهٽا، ماريو نہ دوستو.

باهيون اندر جون آهن، مس مس وساٽيون،
”پارڻ“ وري پيو ڪو، پاريو نہ دوستو.

⊙

شل چيٽ ڪيٽ ٻنيون، پيلا رهن سلامت.
ڪٽڪون ڪپهه ڪمند، ۽ ڪيلا رهن سلامت.

صدين کان جيڪي آهن، سنڌ جي رهيا ثقافت،
محبوب مشغلا سي، ميلا رهن سلامت.

دلچسپ ڪيڏي آهي، گوءِ ڏڳن ٻلن جي،
ڳاڙها بگا ۽ ساوا، تيلا رهن سلامت.

ڏڻ ۽ ڏنار سنڌ جا، سرها سُکيا گذارين،
چانگون ڪري چڙن سي، چيلا رهن سلامت.

ساوڪ سڪار سنڌ ۾، آهي سنڌو نديءَ سان،
گهوني بگهاڙ جا رس، ريلا رهن سلامت.

مهراڻ موج ماڻي، پيهر وري به ”پارڻ“
واهڙ سيئي سُٺهي جا، ويلا رهن سلامت.

⊙





اڄ يار مِٺي مٺار سندي، تصوير ڏسي مون روئي ڏنو.
هو دور ٿيو ۽ پنهنجي قٿل، تقدير ڏسي مون روئي ڏنو.

ٿا قريب ڪچهريون ياد پون، بس هوش عقل سالم نہ رهن،
ان درد اندر دل حول ٿيا، دلگير ڏسي مون روئي ڏنو.

هن در تي وڃي دربان ٿيان، دل روز گهٽو ئي چوندي آ،
مجبور ٿيس رسمن جا پيل، زنجير ڏسي مون روئي ڏنو.

سپ خط ڪٽي اکين تي رکان، ڇاتيءَ تي رکان چميون بہ ڏيان،
هڪ حرف پڙهي پرڪونہ سگهان، تحرير ڏسي مون روئي ڏنو.

خوشبوءِ جي سنگتَ ۾ ساڻ پڪي جت جت ٿي ويو هٻڪار لڳي،
سرهاڻ رهي من منجهه عطر، عنبير ڏسي مون روئي ڏنو.

”پارڻ“ مان ٻڏايان ڇا تہ پلا، هت هاڻ جيئڻ جنجال ٿيو،
هر روز لڳن ڏک دوريءَ جا، سي تير ڏسي مون روئي ڏنو.

⊙

هڪڙو ستايو دنيا، پيو دور تون ٻه آهين.
بيوس تيس ٻنهي مان، مجبور تون ٻه آهين.

هڪ پئي ڪان وياسين وچڙي، قسمت جي ڳالهه آهي،
چريو تو سڄاڻ جڳ ۾، مشهور تون ٻه آهين.

ڪپڙي لٽي جي ناهي، سينگار سير ڪمڙا،
غم ۾ گذر آ منهنجو، غرقور تون ٻه آهين.

جهڙو جيئڻ جدائي، شايد نه موت اهڙو،
چاتي چچي تي چيهون، چت چور تون ٻه آهين.

”پارڻ“ معيار ڪنهن تي، ڪنهن ڪي ڏيان ڏوراپو،
تورا تيا جهان جا، مشڪور تون ٻه آهين.

⊙





جيڪو ٻه سنڌ واسي، دشمن جو يار هوندو.
مخلصّ نه مور سمجهو، پڪ سو غدار هوندو.

سنڌ جي حق وسيلن، جي جنهن نه ڪئي حفاظت،
ڪيڏو ڪنڌار هوندو، سنڌڙيءَ تي بار هوندو.

ڳالهيون وڏيون ڪري پر، عملن نٿو ڪري ڪجهه،
ڪم ظرف ڪوڙو ڪمتر، ماٺهو مڪار هوندو.

ڏيهي ڏسي ڏکن ۾، جنهن کي نه ڏک ٿئي تو،
هوندو اهو اياڻو، يا سو عيار هوندو.

پنهنجن جاعيب ڳولهي، غيرن جي اڳيان کولي،
ان جو نه ڪنهن نموني، پڪ سان پگهار هوندو.

محبت متيءَ جي ”پارڻ“رکجي ضرور دل ۾،
جذبو اهو نه جنهن وٽ، جت ڪت خوار هوندو.

⊙

چنگيز ويا انگريز ويا، پر سنڌ اجان آزاد نہ ٿي.
ٿو چنڊ مٿي انسان وسي، چو ڌرتي هتي آباد نہ ٿي.

ٿي دنيا پئي هڪ ڳوٺ مثل، حيرت ٿي لڳي عبرت ٿي وٺي،
افسوس مگر سنڌ واسين کي، هڪ ساٿ رهڻ جي ياد نہ ٿي.

ريموٽ ڪٽي روبوٽ ڪٽي، ٿي ترقي آهي چوٽ ڪٽي،
جنهن ساڻ ستابي سنڌ ٿئي، سا چيز اجان ايجاد نہ ٿي.

تخليق ڪلوننگ وارو عمل، هي هيڏو نقل سمجهي نہ عقل،
ڪجهہ ڪونہ ڪري پرسگهيا سنڌي، هيءَ قوم تڏهن ير شاد نہ ٿي.

لک وار ٿين ٿا سنڌ مٿي، ڪي ڌارين جا ڪي پنهنجن جا،
جنهن ساڻ سُکي ٿئي سنڌ امڙ، ڪا اهڙي ڪٿان امداد نہ ٿي.

⊙





ڪٽ ڪهاڙين لاهيو ساٿي.
فولادي هٿ ٽاهيو ساٿي.

همٿ ڪريو وِک وڌايو،
هاٺي هيٺا ناهيو ساٿي.

جنگ وڏي هٿ ڪرٽي آهي،
سيئي دودا آهيون ساٿي.

روڪي پاٽي جو ٻہ سنڌوءَ جو،
ڏُل ڪانئر تي ڪاهيو ساٿي.

سنڌ سُڪائڻ لئہ جو اڏجي،
ڊيمُ لهيءَ کي ڊاهيو ساٿي.

هٿ هٿ ۾ هٿيار هجي بس،
جيئڻ جي ٿا چاهيو ساٿي.

⊙

سنڌ سلامت

# نظم





سنڌ سلامت

وڏا مجرم تيا منصف، عدالت سوڳ ۾ آهي.
شريرن کي عزت اهميت، شرافت سوڳ ۾ آهي.

وڏا ڌاڙيل ۽ رهزن، ڏسو اڳواڻ اڄ آهن،
سزا جن کي ملڻ گهرجي، سي قاضي پاڻ اڄ آهن،
نہ نبريا فيصلا اڪثر، تڏهن رت چاڻ اڄ آهن،
سچي ڪوڙي کي سمجهڻ تي، شناخت سوڳ ۾ آهي.

ضرورت وقت جي آهي، تہ باغي ٿي بغاوت ڪر.
سڏائين ٿو سنڌي سوڍو، تہ سنڌڙي جي حفاظت ڪر.

سنڌوءَ ۾ سنڌ تي ويرين، ڪئي آهي نظر ميري،
پنجابين چوڌرين کي آ، مٿي ۾ ٿي پئي ڦيري،
مهاڏو تن سان اٽڪائي، مڪارن تي ملامت ڪر.

ڪِنن ڪعنال تل جهڙا، ڪِنا منصوبا ڪئين جوڙيا،
سنڌوءَ ۾ سنڌ جو نالو مِٽائڻ لئہ ڏڪيا ڊوڙيا،
اٿي وڙهہ ڪيس سنڌڙيءَ جو، ٿي وارث ۽ وڪالت ڪر.

نہ ڪالا باغ ٿو گهرجي، نہ تل ڪعنال ٿو گهرجي،
اسانکي ديس سنڌ دلبر، سکيو خوشحال ٿو گهرجي،
ڪجهي ميري جا اک ان ڏي، انهيءَ لاءِ قيامت ڪر.

ڪي ظاهر ڪي ڳجها آهن، حمايت ۾ حرامين سان،
بچائن نوڪريون پيا ڪي، ملائي سر سلامين سان،
سڃاڻي تن سمورن جي، چٽي پڌري شناخت ڪر.

سڄاڳي قوم ۾ ”پارڻ“ اجان پيي جي نہ ڪا آئي،
تہ نڪري وقت هي ويندو، نہ رهندي سنڌ ڪٿ سائي،
نياڳن نامرادن تي، منجهان نفرت ندامت ڪر.

⊙





وڏا مجرم ٿيا منصف، عدالت سوڳ ۾ آهي.
شريرن کي عزت اهميت، شرافت سوڳ ۾ آهي.

وڏا ڏاڙيل ۽ رهزن، ڏسو اڳواڻ اڄ آهن،
سزا جن کي ملڻ گهرجي، سي قاضي پاڻ اڄ آهن،
نہ نبريا فيصلا اڪثر، تڏهن رت چاڻ اڄ آهن،
سچي ڪوڙي کي سمجهڻ تي، شناخت سوڳ ۾ آهي.

حفاظت جو ذمو جن تي، اهي چورن جا ساٿاري،
قضا جي صاحبن وٽ پڻ، هلي پيئي اڄ پاٽاري،
رسيو جيڪو بہ منصب تي، اهو بنجي ٿو تاتاري،
غريبن لاءِ همدردي، حمايت سوڳ ۾ آهي.

ڪپي هر حال هر پيري، وڏو عهدو حڪومت ۾،
وڃي ناموس نالو پر، ملي پاور ڪنهن صورت ۾،
ظلم زورا وري آهي، سدا جن جي ضرورت ۾،
هلي سوداگري هرهنڌ، سياست سوڳ ۾ آهي.

نہ انسانيت ذروجن ۾، ملي تن کي وڏي طاقت،
پيا ڪن هر نموني سان، سي پنهنجي پوري هر حاجت،
اندر ۾ وڌ پون ”پارڻ“ زماني جي ڏسي حالت،
امن انصاف جي عظمت، علامت سوڳ ۾ آهي.

⊙

ڪيڏو تہ تيز آهي، دنيا اڳيان وڌڻ ۾.
پورا اسين اجان پر، آهيون جنن ڪيڻ ۾.

ريموٽ سان هوائي، راڪيٽ پيا هلائين،
ٽيندو صبحاڻي جيڪو سو اڄ، ڏسو پڏائين،
پي ڪوج تن جي جاري، ترقي وڏي ڪرڻ ۾،
پورا اسين اجان پر، پيرن هٿن چمڻ ۾.

ڪن ڪن مريخ تائين، پهچي ڪئي رسائي،
اڳتي وڌڻ جي لاءِ. وک ڪيتري وڌائي،
هٿ پير سي تہ هرهر، آهن وري هٽڻ ۾،
پورا اسين اجان پر، ڏاڳن سڳن پڏڻ ۾.



جيون جهاڳ آجهاڳ - محمد پارڻ

ڪوشش سان ڪاميابي، ٽيندي آ يار حاصل،
ڪجھ ڪونہ ملندو ان کي، جو هوندو آهي ڪاهل،
ڪمچور پورو هوندو، صدمان سدا سهڻ ۾،
پورا اسين اجان پر، سنڌرو پڌي سمهڻ ۾.

آ ڊوڙ ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ واري،
آهي الائي ڪهڙي ڳجھ ڳوھ ۾ تياري،
ڳولي لڌائون رستا سڪيا ٽيا جيئڻ ۾،
پورا اسين اجان پر، روئڻ پٽڻ پنڻ ۾.

محنت جفا ڪشيءَ سان، مقدر سنوان ڪيا جن،
پنهنجي جيئڻ جي لاءِ، رستا نوان ڪيا جن،
مشغول سي تہ آهن اڳتي وڌي اچڻ ۾،
پورا اسين اجان پر، ڳالهيون تلهيون ڪرڻ ۾.

"پارڻ" نصيب ڪنهن جو، چمڪي نٿو ڪو ازخود،
ڪوشش ضرور گهرجي، سالم رکي ڪا سُڌ پڌ،
پوءِ نہ رهندي مشڪل، منزل متي پچڻ ۾،
پورا اسين اجان پر، هر ڪنهن اڳيان نمڻ ۾.

⊙

انصاف لئہ طريقو، آمر ڪيو انوکو.
آئين آهي معطل، بنيادي حق ڪي جوکو،
قانون لفظ هاڻي، بي معنيٰ ڪل ۾ ڪوکو،
هر ڪو عمل انهيءَ جو، آهي 'دريخ' دوکو.
ڏوهي ڇٽا سزا کان، بي ڏوهي قيد بند ۾،
ڇا ڇا ڪري پيو سو، زورا وريءَ جي انڌ ۾،

راڄاهو عدليا تي، ميڊيا تي پابندي آ،
منصف ڪڙن ۾ قابو، وڪلا تي پابندي آ،
دانهن تي آهي بندش، دعويٰ تي پابندي آ،
ڪنهن فيصلي ڪرڻ تي، فتويٰ تي پابندي آ.
انياءَ جي انتها تي، الزام پر پين تي،
هڪڙا پيا ظلم ڪن، اقدام پر پين تي.


www.sindhsalamat.com



ڪورٽ جا فيصلا ڪل، بيڪار ٿي ويا اڄ،
ڳجهہ ڳوهہ ۾ گهٽائي، اقرار ٿي ويا اڄ،
قانون ٿي نوان ڪئين، نروار ٿي ويا اڄ،
احڪام حڪم صادر، هر پار ٿي ويا اڄ.
ايماندار خود ڪي جنهن ٿي گهڻو سڏايو،
سوداگريءَ ۾ سڀ کان، نڪتو آ سو سوايو.

انصاف جا ترازو، پيمانہ ڪوڙ بنيا،
ڪاري اڇي جا مالڪ بيگانہ ڪوڙ بنيا،
پنهنجي تہ پيٽ پرڻ لئہ، ديوانہ ڪوڙ بنيا،
مستي انهيءَ ۾ مانگر، مستانہ ڪوڙ بنيا.
هن ملڪ جي هلڻ جو امڪان هاڻ گهٽ آ،
مرڪز سندي علامت، ۾ جان هاڻ گهٽ آ.

وانا سوات ڪوهلو، ۾ باهہ جنهن لڳائي،
بگٽي مري قبيلن، تي ڪاهہ جنهن ڪرائي،
غندن هٿان ڪراچي، رت ساڻ جنهن رنگائي،
تنهن کان ملي نہ سگهندي، ڪنهن پر ڪڏهن ڇڳائي.
رستن تي اڇڻو پوندو ڪجهہ هاڻ ڪرڻو پوندو،
ظالم کي ماربو يا، وڙهندي ٿي مرڻو پوندو.

⊙


www.sindhsalamat.com

نظام اهڙو اسان تي مڙهيو، ڪڇڻ پڇڻ جي نہ آ اجازت.
زبان تي تالا ڪپهہ ڪنن ۾، روئڻ پٽڻ جي نہ آ اجازت.

مثان ڪان مڙهجي اچن جي ماڻهو، اهي اسانجو نصيب بنيا،
دغا جا ماهر دوا نہ ڄاڻن، تباهہ ڪندڙ طبيب بنيا،
جلاد جي هٿ اسانجي قسمت، کِلڻ ملڻ جي نہ آ اجازت.

ٻڌڻ ٻڌائڻ تي پابندي آ، گونگا ۽ ٻوڙا ٿيو جيئون پيا،
زهر بڻايو ويو آ جيون، ڪڙو ۽ قاتل ڪلي پيئون پيا،
ڪا پنهنجي مرضيءَ مزاج موجب، لکڻ پڙهڻ جي نہ آ اجازت.

ڦُري ويا سڀ وسيلا ويري، گذر سفر آ گناهہ جهڙو،
اسان سان ڏِويو رکيو اچن سي، بنهہ ٻُرو بدخواهہ جهڙو،
مگر انهيءَ جي خلاف ڪوئي، قدم کڻڻ جي نہ آ اجازت.

ايوب، يحييٰ ڪڏهن ضيا، يا ڪڏهن ڪو مشرف مڙهيو ويو آ،
قهر ڪيو آ اسان سان قسمت، سدا ڪو گهاٽو گهڙِيو ويو آ،
اسانکي "ٻارڻ" ڪُلئي نموني، اٿڻ ويهڻ جي نہ آ اجازت.

⊙


www.sindhsalamat.com



جيئن ڪونہ ڏِڳا ڪٽ ڏور ڪسن،
ائين شينهن هتي شهزور ڪسن،
افسوس اسانجي مُلڪ اندر،
سڀ ماڻهو مِٺا پيا مور ڪسن.

جن حق وٺڻ جي ڳالهہ ڪئي،
آ فوج انهن تي ڪڙڪي پئي،
قانون انڌو هٿ ٻوڙو آ،
انصاف عدل جي واٽ وئي.

اڳ سورهيہ سوري سينگاري،
پوءِ باهہ ٻُٽي تي وئي ٻاري،
اڄ وارو اڪبر بگٽي جو،
ٻي ڪنهن ڪي ماريندا ماري.


www.sindhsalamat.com

ان ريت ڪٿائون راهي ڪي،
پڻ مير ٻيٽي پٽ ڏاهي ڪي،
بنگال ڏڪي تن ڏار ڪيو،
پيا پڙڪائين سي باهي ڪي.

اڄ جهوڪ جو آ ورجاءُ ٿيو،
ٻيو صوفيءَ جو هڪ پاءُ ويو،
تاريخ گواهي ڏيندي خود،
هي هيڏو جو انياءُ ٿيو.

ھُن بزرگ جنهن دم حق گهريو،
جيون ان ڪان آهي ڦريو،
ويو ڏک ۾ سارو ڏيهہ ٻڏي،
هر جيئري جو آ جيءُ جهريو،

هي راند رتولي بند ٿئي،
جي سوچ فڪر هڪ هنڌ ٿئي،
جي پيڙا سپ مظلوم ٿين،
پوءِ ڪو نہ جدا ڪو ڪنڌ ٿئي.

⊙


www.sindhsalamat.com



وري بہ روح رولجي.
نئون جهان ڳولجي.
جتي رڳو امن هجي،
چپو چپو چمن هجي،
حسين هر صحن هجي،
نندو وڏو مگن هجي،
ڪو باب اهڙو کولجي.
جتي دليون ملائجن،
پرين سان پيچ پائجن،
رفاقتون وڌائجن،
پيا جمالا ڳائجن،
نہ ٻاڙو ٻول ٻولجي.
وڃن جدا ٿيئل ملي،
پُڄن خواهشون دلي،
ڏجن مبارڪون ڪِلي،
رهون سيئي ملي جُلي،
وفا پئي وڙولجي.
وڃن ختم ٿي وحشتون،
رهن ڪٿي نہ ظلمتون،
کُلي پون ڪي قسمتون،
جڙن جهان ۾ جنتون،
روحن ڪي ايئن رڱولجي.
جتي نہ بندشون هجن،
رسڻ نہ رنجشون هجن،
نہ ڪوڪي خود ڪشيون هجن،
خوشيون ئي بس خوشيون هجن،
ڏکن ۾ ڪونہ ڏولجي،
نئون جهان ڳولجي.

⊙


www.sindhsalamat.com

هرڪا مصيبت سر مٿي، پڌرو ڳجهو ڳرٽو پوي.
اي زندگي تنهنجي ڪري، چاچا نٿو ڪرٽو پوي.

ڪوسيون ٿڌيون سرتي سهي، رت ست سڪائي ٿا ڇڏيون،
ڪاڙهن اندر ڪڙهندي نظر، نيٽن وڃائي ٿا ڇڏيون،
ٿو روپ رنگ بگڙي وڃي، صورت ڦٽائي ٿا ڇڏيون،
جند جان کي جوکو ڏئي، پرپيٽ ٿو پرٽو پوي.

ٿيندا وڃن جاني جُدا هي سختيون سهٽيون پون،
هن وقت جون هر موڙ تي، خرمستيون سهٽيون پون،
بيڏوھ ڪئين بيواجبيون، بيوقتيون سهٽيون پون،
ڏکيو ڏکن جي ڏاڍ جو، درياءَ ٿو ترٽو پوي.

بچڙيون ٻُريون بيماريون، انسان تي ڪئين آفتون،
معذور ٿي کي ٿا جيئڻ، کن تي سدائين شامتون،
ڪڏهن ڪٿي پکڙي وبا، توبه تکيريون طاقتون،
کهڙو اِهو آهي جيئڻ، هرروز ٿو مرٽو پوي.

ڪنهن جي سهاري جي ڪري، ڪنهن سان ملڻ جي آس تي،
تڪليف هرڪا ٿا سهون، سکيا ٿيڻ جي آس تي،
محرومين هوندي جيئون، ڪنهن هڪ سڄڻ جي آس تي،
افسوس پر هر ڏينهن ٿو ”پارڻ“ اندر ٻرٽو پوي.
⊙


www.sindhsalamat.com



ڦُري بينڪون مِلون هاٽي، عشرزڪوات تي آيا،
چڱا خاشا ٻه برڪت سان، ڪري خيرات تي آيا،
اٿن معذور بيواهن، جي آهن مات تي آيا،
حيا هڪڙي رکي پاسي، لهي حرفات تي آيا،
ڦُچت وارن پنڻ واري، ڪيو لعنت مٿي لاڙو،
غريبن ٻي سهارن جي، هنيائون حق مٿي ڏاڙو.

لڪايا فرضي ڪِن نالا، ته ڪن مائيٽ لڪرايا،
لڪايون ڪيترن زالون، ڏيون ڪن پٽ لڪرايا،
سُريتون سينڌيون توڙي، جهڳاڙي ڄٽ لڪرايا،
ڪيو ڪن فيصلو اڌ تي، ڇ ريانٽن ڇٽ لڪرايا،
وٺي زڪوات جا ڏوڪڙ، زمينون ڪن ته ٺهرايون،
وٺي ڪي گاڏيون آيا، ته ڪن جوڙايون جڳاهيون.

نهاري مستحق ٿڪيا، نه ملين پئسو ڪو پائي،
وڏا ڦورو ڦري سپ ڪجهه، سڄي هڙ سي ويا ڪائي،
ڪندا پيو ڇا پلا آخر، ڏسو ڪيڏي ٿي مهنگائي،
وري ٻي واري جي لاءِ، اٿن اڳواٽ اڳرائي،
نه ٻِ يٽا ڊاپجن پٽيا، ڪيائون پورو پڙ پالهو،
معيارون تن مٿي کهڙيون، ڏجي کهڙو ڪو اوپالو.


www.sindhsalamat.com

رڪيائون چيئرمين چونڊي، هئا جي حڪم جا ٻندا،
چون ٿا جيڪي جي حاضر، اهي انصاف ڪيئن ڪندا،
طريقي ان ٿيا آهن، وڏا رولا ريڙا سندا،
الائي چا ٿئي اڳتي، گهٽو آهيون فڪر مندا،
ڏنگا ڏاڍا ڏکيا آهن، ٻکين ڪان وڌ ٻکيا آهن،
ذلالت ڪن پيا ظالم، سڄا کهڙا سکيا آهن.

ڪيون ڪنهن دانهون يا ڪوڪون، متن ٿيون مذمتون آهن،
وڏي واڪي چيائون هي، سياسي رشوتون آهن،
بيانن ۽ ٻهانن سان، لٽيون تن دولتون آهن،
اچي لالچ اندر لوبين، ڪِلايون خلقتون آهن،
خدا جي مار ڪا پوندن، انڌا مندا- ڳها ٿيندا،
عشر زڪوات جي لائق، ڪندو مولي سِگها ٿيندا.

پڙهي هي شعر "پارڻ" جو، ڪندا پڪ هل حشر ڪيئي،
سچي چوندن سچا ماڻهو، سياڻا ۽ سگر ڪيئي،
خدا جو خوف ڏاريندا، سمجهه وارا صدر ڪيئي،
حيا ايندن شرم ٿيندن، چڙهيندا پڪ پچر ڪيئي،
مگر آثار ڪو اهڙو، اجان تائين نٿو ڏسجي،
سڌاري جيڪو سمجهائي، سچڻ سائين نٿو ڏسجي.

⊙





اڪين ڪونه اهڙو، ڏٺو اڳ مثال.
ڪيو مينهن طوفان سنڌ سان جو حال.

ڪيو موت مارو، ملڪ راڄ ۾،
ويا ڪيئي ڪاچي، انهيءَ ڪاڇ ۾،
جتان لاش آيا پري اسپتال،
ڪيو مينهن طوفان سنڌ سان جو حال.

وري ويرَ ساموندي، دهشت ڪري،
چڙهيو تنهن ڏکوين کي ڏاري ڏري،
هزارن جو هيڪاندو، هئي هيئي وصال،
ڪيو مينهن طوفان، سنڌ سان جو حال.

هليو مينهن طوفان، چٽيهم ڪلاڪ،
وڏا تنهن فراقن، تي واري فراق،
ٿيا ڪيترا ماڻهو، بيوس بتال،
ڪيو مينهن طوفان، سنڌ سان جو حال.

سچو پاسو ساموندي، سختيءَ اندر،
بديڻ ڪان بربادي ڪيتي بندر،
ٿي صغرا قيامت، جياپو محال،
ڪيو مينهن طوفان، سنڌ سان جو حال.

لڙهي گهر ويا ڪئين، ويا ور رُلي،
هوا سخت ساموندي اهڙي گهلي،
جيئڻ ٿي پيو جاڙ جنجهٽ جنجال،
ڪيو مينهن طوفان سنڌ سان جو حال.

چنا موت مائڻ ڪان ڪونڌر ڪنا،
پِداپي ۾ جن تي، وڇوڙا ونا،
انهن مائرن جو، تو ماري ملال،
ڪيو مينهن طوفان سنڌ سان جو حال.

ڪتي ياءُ پيڻن، ڪي ويڙا ڇڏي،
تڪيون پينرون پائرن ڪي سڏي،
ڪتي پينرن اڳ، ڪيو انتقال،
ڪيو مينهن طوفان سنڌ سان جو حال.

ونين ڪان ويا سر، جا سائين سهاڳ،
ڏکوين ڪي ڏاڍو، ڏکايو ڏهاڳ،
ٿيا جاڙ تن لئہ، جوائي جمال،
ڪيو مينهن طوفان، سنڌ سان جو حال.





نہ ڪانڌي نہ شامون، نہ مليو ڪفن،
لڙهيا لاش ڪيئي، ٿيا ڪي دفن،
نہ مانيون نہ ختم نہ فاتح جي ڳالھ،
ڪيو مينهن طوفان سنڌ سان جو حال.

مئي ويهه ۽ سال نوانوي،
انهيءَ جهڙي شامت نہ ڪنهن تي پوي،
انڌوهناڪ اهڙو، ڪو واقعو وبال،
ڪيو مينهن طوفان سنڌ سان جو حال.

اي انسانو ان مان، سبق ڪو وُٺو،
مصيبت اچڻ کان، ڪجهي اڳ سَٺو،
اچي شل نہ اهڙو، ڪو ظاهر زوال،
ڪيو مينهن طوفان، سنڌ سان جو حال.

سگهو هاڻ "پارڻ" الله ياد ڪر،
ذڪر رب سان دل، پنهنجي آباد ڪر،
هميشہ آ قدرت، جو قائم ڪمال،
ڪيو مينهن طوفان، سنڌ سان جو حال.

⊙

برسات جا ستايل، راھون ٽڪا نھاري.
امداد پرڪٽي ويا، ناظم سڄي ٻُھاري.

درياءَ جو بند ڀڄي يا، ٻي ڪا ٿئي تباھي،
طوفان زلزلو يا، آفت اچي اِلاھي،
ھي مورَ مُرڪندا پيا، جڳ ڪان وٺو گواھي،
ڏکين کي ڏينھن ڏکيا، ڏاتار شل ڏياري.

ھاٽي وري بہ آھن، گھر ۽ دڪان ڀريا،
واپارين وڙن وٽ، پٽ ساڻ پورا ڀريا،
وارا نيارا تن جا، جي ڳجھہ ۾ ٿي ڳريا،
جن جو ھُيو گذارو، پٽ سٽ ڪريۓ ڏاري.


www.sindhsalamat.com

جيون جھاڳ اَجھاڳ - محمد پارڻ

ٽاليون ڀري ڪٽي ويا، خوراڪ ڪاڏ واريون،
حاجت مندن کي مليون، پنجن ڪلن سان گاريون،
خلق خدا سان ڪيڏيون، ڪن پيا ڪلون خواريون،
آھي ڪو مرد مومن، جيڪو اچي سُڌاري.

وٺندا نيون ڪي گاڏيون، ڪي وٺندا ڪي ڪارخانا،
ڪي شاديون ڪندا پيون، ڪي شوق شادمانا،
ويندا وڏي انھن جا، انداز آمرانا،
مطلب تہ موج ٿي وئي، جنجل چڙيا جياري.

خرچا اليڪشن جا، نڪري ويا اڳوٽا،
توڙي ڪيا ھُئائون، جي ٻيٽا ٽيٽا چئوٽا،
ويتر ڦٻي ويا سي، آھن اڃان ڏھوٽا،
ھن ٻوڏ ھيل چڙيا، اڳتي گھٽو ھُلڪاري.

تنقيد واري ”ٻارڻ“ منھنجي نہ آھي عادت،
پر جي سُکين ستابن، جي ھيءَ ڏسان ٿو حالت،
تڏھن ڪڙھي ڪريان ٿو، مجبور ٿي بغاوت،
پوءِ ڀلي ڪو بگڙي، نفرت ڪري ڌڪاري.

⊙


www.sindhsalamat.com

عظيم ٻولي قديم ٻولي.
سنڌي سڀاجهي سليم ٻولي.

سڀيئي ٻوليون حسين آهن،
مڃان ٿو سڀ دلنشين آهن،
رسيليون آهن رنگين آهن،
سنڌي سِين جي زعيم ٻولي.

لطيف جو آ رسالو جنهن ۾،
ملي امن جو حوالو جنهن ۾،
اسين ٿا ڳايون جمالو جنهن ۾،
دلين جي لاءِ شميم ٻولي.





ڏڙو موهن جو گواهه آهي،
سچل ۽ سامي جو ساهه آهي،
ڪئي حفاظت بہ شاهه آهي،
نفيس ٻولي نديم ٻولي.

اياز جا گيت وايون وهوا،
بخاري، ٻيوس، همايون وهوا،
شيام، سرويچ چاهيون وهوا،
آ روح لاءِ رحيم ٻولي.

ڀنڀور مڪلي، نگر جي ٻولي،
مياڻي، روپا، امر جي ٻولي،
سا ڪوٽڏيجيءَ سکر جي ٻولي،
لُٽي نہ سگهندو غنيم ٻولي.

ڏسو جتي جي بہ ويري ڪانئر،
ڪندا هجن تيري ميري ڪانئر،
ڪٻا سمورا سي ڏيري ڪانئر،
متان وجي ٿي عديم ٻولي.

⊙

سنڌ سلامت

# وايون





سنڌ سلامت

**انڌير ڏسان ۽ ڪجھ نہ ڪُڇان،**
**ٿي ان تي پردو پوش رهان،**

**شل وقت ڏکيو اهڙو نہ اچي.**

چيڙ نہ اهڙو راڳي راڳ،
منهنجي چتِ جا چاڪ چڪن ٿا.

درد ڀريو آواز ٻڌي ھي،
جوش ۾ ٿي جذبات اواڳ.
منهنجي چت جا چاڪ چڪن ٿا.

سوز ڪتان ھي آندئي ايڏو،
چاتو مليو ڏک ڏھاڳ،
منهنجي چت جا چاڪ چڪن ٿا.

تنهنجي من ۾ مون جيئن شايد
آھي ڪوئي ورھہ ويراڳ،
منهنجي چت جا چاڪ چڪن ٿا.

رُڪجي ويئي دل جي ڌڙڪن،
وسريو چنچل پڻ ۽ چاڳ،
منهنجي چت جا چاڪ چڪن ٿا.

”پارڻ“ ڪي تون پار نہ ايڏو،
راڳ ۾ ٿو آلاپين آڳ،
منهنجي چت جا چاڪ چڪن ٿا.

⊙





موت ڪان جو ھٽي،
سو اسان جو نہ آ،
سو اسان مان نہ آ.

ديس واسين جون ٿو،
جيڪو دليون ڦٽي،
سو اسان جو نہ آ،
سو اسان مان نہ آ.

مال دولت مٽي،
جو مٽيءَ ڪي مٽي،
سو اسان جو نہ آ،
سو اسان مان نہ آ.

محبتن ڪي ڇڏي،
نفرتون جو چٽي،
سو اسان جو نہ آ،
سو اسان مان نہ آ.

ڌارين جون پيو،
جيڪو چانئيون چٽي،
سو اسان جو نہ آ،
سو اسان مان نہ آ.

⊙

جيڏن ۾ اڄ جاڳ ڏسي،
مون آسک جو ساهه کنيو.

کينجهر مڪلي کيٽي بندر،
موهن وارا ماڳ ڏسي،
مون آسک جو ساهه کنيو.

سنڌ سنڌوءَ تان سر ڏيڻ لئه،
چاٽ نئين ڇڙ واڳ ڏسي،
مون آسک جو ساهه کنيو.

چانڊوڪي ۾ چنچل چاهت،
چوئڙن اندر چاڳ ڏسي،
مون آسک جو ساهه کنيو.

”پارڻ“ پنين پارن ۾ هي،
مال ڏسي ميهاڳ ڏسي،
مون آسک جو ساهه کنيو.

⊙


www.sindhsalamat.com



آدمي کيَ وُس،
آجپو ٿو کپي.

سوچ کي لوچ کي،
کونهُ گهرجي قفس،
آجپو ٿو کپي.

کنهن قبوليو کڏهن،
کونهُ بيجا حبس،
آجپو ٿو کپي.

قيدِ جنّت منجهان،
نيٺ نڪتو نفس،
آجپو ٿو کپي.

بند هر ٽوڙبو،
نامناسب نحس،
آجپو ٿو کپي.

⊙


www.sindhsalamat.com

ظلم ٿيندو ڏسي،
ماٺ مونکان نہ ٿي.

ڪنھن بہ ھيٺي متي،
اھنج ايندو ڏسي،
ماٺ مونکان نہ ٿي.

ڪنھن بہ مسڪين جو،
حق ويندو ڏسي،
ماٺ مونکان نہ ٿي.

ڪنھن بہ مجبور کي،
ير لڏيندو ڏسي،
ماٺ مونکان نہ ٿي.

نفرتن جو زھر،
ڏيھ ڏيندو ڏسي،
ماٺ مونکان نہ ٿي.

ڪوڙ لٽيرو لچو،
حد لنگھيندو ڏسي،
ماٺ مونکان نہ ٿي.

ننگ نادار جو،
ڪنھن تڪيندو ڏسي،
ماٺ مونکان نہ ٿي.

ڪجھ لکان ڪجھ ڪچان،
جڳ جھليندو ڏسي،
ماٺ مونکان نہ ٿي.

⊙





انياءُ ڏسي خاموش رھان،
شل وقت ڏکيو اھڙو نہ اچي.

انڌير ڏسان ۽ ڪجھ نہ ڪچان،
ٿي ان تي پردو پوش رھان،
شل وقت ڏکيو اھڙو نہ اچي.

ھر ڏاڍ ڏمر کي سر تي سھي،
ڪنھن مستيءَ ۾ مدھوش رھان،
شل وقت ڏکيو اھڙو نہ اچي.

ڪو واءُ وري سنڌ سڏ ڪري،
ڪن تار ڪري پي گوش رھان،
شل وقت ڏکيو اھڙو نہ اچي.

جي سچ چوڻ جي سگھہ وڃي،
ٿي ڪوڙن جو ھمدوش رھان،
شل وقت ڏکيو اھڙو نہ اچي.

ھن ذلت جي ماحول اندر،
ارھو نہ ٿيان شنتوش رھان،
شل وقت ڏکيو اھڙو نہ اچي.

⊙

ساهہ ۾ آهي سونهن پرستي،
محبت منهنجو دين ڌرم.

دل جي چوٽ تي جوڙي ڇڏيم،
دل ۾ پيار وفا جي وستي،
محبت منهنجو دين ڌرم.

هر جلوي ۾ حق جي تجلي،
حسن بہ سجدي لائق هستي،
محبت منهنجو دين ڌرم.

دولت وارن دنيا دارن،
جي نہ قبوليان بالادستي،
محبت منهنجو دين ڌرم.

ٽوڪ ڪري ٿو لوڪ چوي ايئن،
ڪهڙي "پارڻ" ڪي آ مستي،
محبت منهنجو دين ڌرم.

⊙





پٽ پٽ ڪان اڄ پاڳُرسي ويو،
ٽر تي برڪا ٽي جو ناهي.

چو نئرو چونئرو لجڙيل ڏسجي،
چنچلتا ۽ چاڳُرسي ويو،
ٽر تي برڪا ٽي جو ناهي.

روهيڙي جا ڳل نہ ٽڙيا،
سُندرتا سهاڳُرسي ويو،
ٽر تي برڪا ٽي جو ناهي.

مُڪ مُڪ ڪان هن مرڪون کسيون،
روحن ڪان پيي راڳُرسي ويو،
ٽر تي برڪا ٽي جو ناهي.

پيڙائن ۾ پيڙهجي "پارڻ"
مارو ئڙن ڪان ماڳُرسي ويو،
ٽر تي برڪا ٽي جو ناهي.

⊙

ويري توکي پنهنجو ووٽ،
کهڙي ريت ڏيان.

اندر تنهنجو آهي ڪارو،
پي تہ سچائي واري ڪوٽ،
ساٿي ڪيئن ٿيان.

توکي پوري ڪرٽي آهي،
ساري سالن واري ڪوٽ،
نانءُ نہ تنهنجو نيان.

تنهنجي اک ۾ هرهڪ ماڻهو،
آ پاپيو، ا - ڏڙوٽ،
ماري آهين مِيان.

"پارڻ" تنهنجو ٽيٽو ناهي،
وينو توڙي جنگيون جوٽ،
جيسين تائين جيان.

⊙


www.sindhsalamat.com



ماٺين جيسين ماڳ او جندڙي،
تيسين تائين جاڳ،
الا او تيسين تائين جاڳ.

سر جي سُجن و اهيرن سان،
پرمي جيسين پاڳ او جندڙي،
تيسين تائين جاڳ،
- لا او تيسين تائين جاڳ.

سانت نگر جو سينو چيري،
ڪنهن رو ڳيءُ جو راڳ او جندڙي،
تيسين تائين جاڳ،
- لا او تيسين تائين جاڳ.

انداهي جي وستي ۾ ڪو،
چمڪو ماٽي چاڳ او جندڙي،
تيسين تائين جاڳ،
- لا او تيسين تائين جاڳ.

"پارڻ" پنهنجا جذبا ارڏا،
'جيون جهاڳ اجهاڳ' او جندڙي،
تيسين تائين جاڳ،
- لا او تيسين تائين جاڳ.

⊙


www.sindhsalamat.com

جڏهن پٽن تي بهار ايندو،
تہ منهنجي دل کي قرار ايندو.

سفاڪ وحشي ڪتور دلين،
اندر محبت ۽ پيار ايندو،
تہ منهنجي دل کي قرار ايندو.

جڏهن بہ ڌرتيءَ تي مينهن وسندا،
سونهاري سنڌ ۾ سڪار ايندو،
تہ منهنجي دل کي قرار ايندو.

اداسين مان نجات پائي،
نماڻي مک تي نکار ايندو،
تہ منهنجي دل کي قرار ايندو.

منافقي جو محاذ ٽوڙي،
ملڪ ڪو ساٿي سچار ايندو،
تہ منهنجي دل کي قرار ايندو.

غريب جي ڪنهن ڪکائين گهر ۾،
ڪو موقعو خوشگوار ايندو،
تہ منهنجي دل کي قرار ايندو.

اميد ”پارڻ“ قوي رکان ٿو،
هلي اڱڻ تي جي يار ايندو،
تہ منهنجي دل کي قرار ايندو.

⊙





او سانوڻ سگهڙو ورجان تون،
من تنهنجي اچڻ تي محب اچي.

هُن ويندي وقت چيو هو ايئن،
آئي سانوڻ، ايندا سون،
من تنهنجي اچڻ تي محب اچي.

ڪا جڇ وٺي اچ ڪڪرن جي،
ڪر اولھ اوڀر وسڪارون،
من تنهنجي اچڻ تي محب اچي.

ڪا بوند وسائي اوسر تي،
۽ ساوڪ ساڻ سجائي پون،
من تنهنجي اچڻ تي محب اچي.

سو ايندو ”پارڻ“ مينهن وٺي،
آ جنهن سان نينهن لڳايو مون،
من تنهنجي اچڻ سان محب اچي.

⊙

سدا جي ڏسجن ڏاس ماڻهو،
اهي يقينن حساس ماڻهو.

ظلم ٿيڻ تيُ لڇن ۽ تڙپن،
رهن نماڻا نراس ماڻهو،
اهي يقينن حساس ماڻهو.

وفا ڪندي تا عمر گذارين،
سچار محبت شناس ماڻهو،
اهي يقينن حساس ماڻهو.

رکن تا دل جون اکيون سي کولي،
ڪندار هن التماس ماڻهو،
اهي يقينن حساس ماڻهو.

سدا اڌورا ڪڏهن نہ پورا،
رهن نہ "پارڻ" جي راس ماڻهو،
اهي يقينن حساس ماڻهو.

⊙





ذات نگر جي وات،
اونداهيءَ ڪي ڪاٽ.

چا تہ ڪويتا امرت ارپي،
ويئي ساريُ اجُ لماٿ،
اونداهيءَ ڪي ڪاٽ.

آشائن جا ديپ پرن تا،
مِتجي اونداهہ پاٽ،
اونداهيءَ ڪي ڪاٽ.

جوتي جرڪي ويئي جڳ ۾،
چنڊ ڪيا چمڪاٽ،
اونداهيءَ ڪي ڪاٽ.

ساهت جي آڪاش تي "پارڻ"
رهندا اوچا ڳاٽ،
اونداهيءَ ڪي ڪاٽ.

⊙

پاڻ کي خود آزاريندين،
آڳ سان جي ٿو راند رهين.

ُلپ ۾ آگم آهي اڳيئي،
ڏرتيءَ کي بہ پگهاريندين،
آڳ سان جي ٿو راند رهين.

جوت پکيڙي مچ تي ميڙي،
مستانن کي ماريندين،
آڳ سان جي ٿو راند رهين.

هر من ۾ ٿو پنيت پڙکي،
پيٽي آڳ لٺاريندين،
آڳ سان جي ٿو راند رهين.

تيلي ڏيئي چٽنگ دکائي،
نيٺ کو پارڻ پاريندين،
آڳ سان جي ٿو راند رهين.

⊙


www.sindhsalamat.com



اڄ تنهنجي من تصوير ڏسي،
پيا منهنجا نماڻا نيڻ وسي.

دل چاهہ ملڻ جو روز رکي،
پر رسمن جا زنجير ڏسي،
پيا منهنجا نماڻا نيڻ وسي.

گڏ گهارڻ جا جي خواب ڏٺم،
پرُ لبتا اڄ تعبير ڏسي،
پيا منهنجا نماڻا نيڻ وسي.

ويو پرجي جيون تلخين سان،
هيءَ آس اميد لڪير ڏسي،
پيا منهنجا نماڻا نيڻ وسي.

آشائن تي جيئندي ”پارڻ“
نيٺ ڦٽي تدبير ڏسي،
پيا منهنجا نماڻا نيڻ وسي.

⊙


www.sindhsalamat.com

سونهن جي امرت مذ اجان،
پيا سو آهيان سرڪ پيار.

نيڻ ڪٽي ڏس مون ڏي نرمل،
تورا تنهنجا لک مجان،
پيا سو آهيان سرڪ پيار.

شوق وڏي تو ڏسندي منهڙو،
پي ڪنهن درتي ڪيئن وجان،
پياسو آهيان سرڪ پيار.

جنهن ۾ تنهنجو ناهي درشن،
اهڙو درپن چو نہ پيجان،
پياسو آهيان سرڪ پيار.

سونهن نگر تي سوسو پهرا،
”پارڻ“ پيا سپ سرسجان ،
پياسو آهيان سرڪ پيار.

⊙





رسمون رواج توڙي،
پنهنجو ڪبو پرينءَ ڪي.

پرواهہ جڳ جي ناهي،
ان ڪان بہ منهن موڙي،
پنهنجو ڪبو پرينءَ ڪي.

دشمن ٿئي زمانو،
سارو جهان توڙي،
پنهنجو ڪبو پرينءَ ڪي.

ڪهڙو بہ واءُ ورندو،
طوفان ڪوئي پوڙي،
پنهنجو ڪبو پرينءَ ڪي.

”پارڻ“ پيون پين سان،
جانب سان جيءُ جوڙي،
پنهنجو ڪبو پرينءَ ڪي.

⊙